ڪَٿي آيو خئُرسان

- رام گيانچند اڏي

راجستان سنڌي اڪادمي
طرفان سڪٽري سوڪڙي

ڪٿي آيو خئرسان

(اصلوڪو طويل ناٽڪ)

رام گيانچنداڻي

راجستان سنڌي اڪادمي

جئپور

ٻه اکر □□

سنڌي ٻوليءَ، ساهت ۽ ڪلا جي واڌاري لاءِ راجستان سرڪار راجستان سنڌي اڪادميءَ نالي هڪ ادارو برپا ڪيو آهي. اڪادمي گذريل ڇهن - پنجن سالن کان ان مقصد جي حاصلات لاءِ ڪافي ڪم ڪري رهي آهي.

موجوده دور ۾ جيتوڻيڪ ٽه - فصلا (Full-Length) سنڌي ناٽڪ ڪافي گهٽ انداز ۾ اسٽيج ٿي رهيا آهن. پر گهٽ ڪري اهي سڀ ٻين ٻولين تان ترجمو ٿيل آهن. هن وقت اصلوڪن ٽه - فصلن سنڌي ناٽڪن جي بلڪل اڻاٺ آهي. اُن اڻاٺ کي محسوس ڪندي، راجستان سنڌي اڪادميءَ اهو فيصلو ڪيو ته اصلوڪن ٽه - فصلن سنڌي ناٽڪن جي دستخطن کي همٿائڻ لاءِ اکل ڀارت سطح تي هڪ چٽاڀيٽي ڪرائي وڃي.

اسان کي خوشي آهي ته اڪادميءَ جو سڏ اونائي سنڌيءَ جي لکڻ، پڙهڻ، سمجهڻ ٻرڪ، ناٽڪ نويسن هن چٽاڀيٽيءَ ۾ حصو ورتو ۽ جهجهي انداز ۾ داخلائون ڀيٽيون. ماهرن جي راءِ موجب - اُنهن مان دهليءَ جي مشهور ناٽڪ - ڪار شري رام ڳيانچنداڻي جو هيءُ ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ ٻيون نمبر آيو. ان ناٽڪ ۾

KHATI AAYO KHAIRA SAAN

(Original Full - Length Play)

By :

RAM GIANCHANDANI

Published by :

Rajasthan Sindhi Akademi,

J-7 Subhash Marg, JAIPUR-302001

Price :

Rs. Ten Only

Ist Edition : 1984

Printed by :

Shri Girdharilal Gur

Kohinoor Printers

Shekha Mohalla,

Diggi Bazar, Ajmer-305001

ڪتي آيو خنزر سان

(اصلوڪو نئون - فصلو ناٽڪ)

اداڪار : 1- کوشيرام- عمر 50 سال ڪنجوس ۽ ٿورو
ٻوڙو

2- ڏئي - کوشيرام جي زال عمر 45 سال

3- پرڪاش- کوشيرام جو پٽ عمر 25 سال

4- اوڌو (اُڌو) نوڪر عمر 25 سال

5- مسٽر راٽي (هنگوراٽي عمر 50 سال

6- شمع - راٽيءَ جي ڌيءُ عمر 22 سال

□□

پردو- 1

جڳهه - وچولي گهر جو ڊرائنگ روم، صوفا سيٽ
ديوان وغيره سٺي لموائي سينگاريل
سيٽ جي ڊزائين ڏنل آهي.

وقت - صبوح.

ليکڪ کي، 30 اپريل 1983ع تي ٿيل اڪادميءَ جي جلسي ۾ مرڪزي ٽوئرزم ڦهلاو وزير شري ايڇ. ڪي. ايل. ڀڳت ڀڪر ڀائي، ٽرافي ڏيئي سنمان ڪيو ۽ راجستان جي مکيه منتري شري شوچرڻ ماٿر جي مبارڪ هٿن سان ڪيس انعام ڏياريو ويو.

عام پاٺڪن تائين اهو اصلوڪو ناٽڪ پهچي، ان ڳالهه کي ڌيان ۾ رکي، اڪادميءَ طرفان هيءُ ناٽڪ شايع ڪري رهيا آهيون. سنڌي رنگ منچ سان واسطو رکندڙ رنگ - ڪرمين کي اسان جي التجا آهي ته هو هن اصلوڪي ناٽڪ کي رنگ منچ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪن. ان لاءِ اڪادميءَ جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪونه آهي. صرف اڪادميءَ ۽ ليکڪ کي اطلاع ڏيڻ لازمي آهي.

مان سنڌي ناٽڪ نويسن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن هن ڇپائيءَ لاءِ گهڻو اتساهه ڏياريو. اميد آهي ته سنڌي اديب به اڪادميءَ جي سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندا رهندا.

- اندر سين ايسراڻي
چيئرمئن
راجستان سنڌي اڪادمي
جئپور - 302 001

ڪنهن هٿو! (وري در جي گهنٽي وڄي ٿي)

خوشيرام- ڇگو هاڻي وڃي در نه کول.... پوءِ ويهي
منهنجا ڪاڪڙا ۽ ٻارڙن جا ڇڄاڻ....
(ٽُني در ڏانهن وڌي ٿي) هاڻي اهو
هٿ ۾ ٻهارو ڇو ٿي کڻي وڃين؟ سمجهندا
ڪاني ڪم ڪرڻ واري مائي آهي....

ٽُني- ڪجهه نه عزت وڌندو. چوندا گهر ۾
مائي به رکيل اٿن.

(خوشيرام وڌي هٿ مان ٻهارو کسي بالٽي
وغيره کڻي اندر در جي پٺيان وڃي ٿو.
ٽُني در کولي ٿي پرڪاش اندر اچي ٿو)

ٽُني- اچ پٽ! ڪري آئين ڪسرت.

پرڪاش- (ڏوڙا ڏيندي) ايتري دير در کولڻ ۾
ڀلي ماڻهو ٻاهر ٻيهي سڪي وڃي....

خوشيرام- (اندرا ايندي بالٽي هٿ ۾) صبوح ساڻ
لڪري وڃين سئر ڪرڻ.... پاڻي ڪو پيءُ
جي ڪم ۾ مدد ڪرائجي....

پرڪاش- (بالٽيءَ ڏانهن اشارو ڪندي) هاڻي اهو
ڪم ڪير ڪندو؟

خوشيرام- پڙهين ڪري سگهي ٿو باقي ٽون لاٽ
صاحب جو پٽ.... هيءَ به هڪ قسم جي

(پڙدو کڻڻ تي خوشيرام صاحب جي پاڻيءَ سان ڀريل
بالٽيءَ ۽ ڪپڙو هٿ ۾ کڻي فرنيچر وغيره کي ڪپڙي
سان اگهي رهيو آهي. اوچتو گهر جي گهنٽي وڄي
ٿي. خوشيرام در ڏانهن وڃي ٿو جو اندرا ڏني
هٿ ۾ ٻهارو کڻي اچي ٿي. ڪيس ۾ گائون پيل آهي)

ڏني- (رڙ ڪندي) ٽرسو.... ٽرسو... اهو ڇا ٿا
ڪريو؟ پنهنجي حالت ته ڏسو.

خوشيرام- عادت! منهنجيءَ عادت کي ڇا ٿيو آهي؟

ڏني- حالت ٿي چوان .... هن حالت ۾ ويندا ٻاهر
در کولڻ.

خوشيرام- پنهنجي گهر جو ڪم ڪرڻ ۾ ڪو ڏوه
آهي؟

ڏني- باقي جيڪا رهي کهي عزت اٿو سا به
وڃائجو....

خوشيرام- ٽون ته چڻ پاڻکي ڪليڪٽر جي زال ٿيئي
سمجهين. (ٽوڪ مان)

ڏني- ڪليڪٽر جي زال کي سنگ، ٿيندا آهن
ڇا؟ آهيو ته اوهان به ڪلاس هڪ آفيسر
نه .... (نخري سان) هڪ نوڪر کڻي رکو...

خوشيرام- نوڪر مفت ۾ ايندا آهن.

ڏني- توهانجو ڏاڏون ته ٻالاڻي کهڙيءَ داڻيءَ

جو نوڪر رکي سگهجن....

ڌڻي - ملندي.... ملندي. رک رام تي.... ڏس ته ڪيئن ٿا نوڪرن جا پير لڳن....

پرڪاش - هت ته انجنيرن جا پيرا لڳا پيا آهن. ديوان جهامنداس جي پٽ کي انجنيري پاس ڪئي....

ڌڻي - هائي چپ ڪر.... پنهنجي ڀيٽ ٿو ڪرين هن اڌ مغزيءَ جي پٽ سان؟

پرڪاش - پر ممي، هت ڪا نوڪري ملندي! ته جهر جهنگ ۾....

ڌڻي - جهر جهنگ ۾ ڇو ملندي؟ اول خير! هتي ڪا سٺي نوڪري ملي ويندءِ....

پرڪاش - ها! (ٽوڪ مان) جهڙي جهمٽ مل جي پٽ کي ملي آهي....

ڌڻي - مون ته چيو مانءِ نه ته اجايو پيو دل لاهين.

پرڪاش - پر پڇ ته سهڻن ته ڪهڙي نوڪري ملي اٿس؟

ڌڻي - انجنيري پاس آهي ته ضرور سٺي نوڪري ملي هوندي ٿس.

پرڪاش - بجاءِ دفتر ۾ ڏهه روپيا روز تي لڳو آهي.

ڌڻي - ماريا، تون ته چرٽ ڳالهيون پيو ڳالهائين.

ڪسرت ٿي آهي ....

پرڪاش- پر اوهان ڪو نوڪر ڇو نٿا رکو؟

خوشيرام- پنهنجي ماءُ پٽ جي دماغ ۾ رکيو پيا ٿا نوڪر
نوڪر .... جا ڏهل وڃن .... نوڪر رکڻ لاءِ
پئسا ڪٿان ايندا؟ وڻ تي ته ڪونه ٿا لڳا
پيا آهن جو لاهي اچبا؟

ڏني- مان به نوڪر رکي ڏيکاريندي سانو....
هيترا ڏينهن زهر جو ڍڪ پي چپ ڪري
ويٺي آهيان ....

خوشيرام- زهر، هڪ شڪ مهراج پيتو هئو ۽ پيو هينئر
تون پيئندين.... نوڪر جو انٽرويو ته مان
وٺندس نه؟... ڏسان ڪهڙو ماڻهوءَ جو
لال ٿيو پاس ٿي ڏيکاري (غصي ۾ اندر
بالٽي وغيره کڻي وڃي ٿو)

پرڪاش- (ڏنيءَ کي) تون به ممي، اجايو پيئي
ڊئڊيءَ کي چيڙائين....

ڏني- چيڙائڻ جو آهي؟ هاڻي ايشور جي
ديا سان هو به ته وڏا آهن، تو به انجنيري
پاس ڪئي آهي، .... جاڻ نوڪريءَ ۾ لڳين
پوءِ مان ڇو ويٺي هٿ هڻان؟

پرڪاش- اهڙي نوڪري هندستان ۾ ته ڪونه ملندي

چيو هُئو.

ڌني - مون ڪٿي چيو ته توهان چيو هُئو....

خوشيرام - "اوهان چيو هُئو!" هن عمر ۾ به ڪوڙ پيئي ڳالهائين؟

ڌني - توبهه! جوان پٽ جي اڳيان ڳالهايو ڪيئن پيا ٿا؟

خوشيرام - پٽ جوان ٿيندا ته ٽالو لڳائي ويهندو؟... هيئن فضول خرچي ٿيندي....

پرڪاش - پر ڏاڏي! اڄ ڪالهه اشتهار ئي سڀ کان سٺو....

خوشيرام - (ڪانئيندي) اشتهار مفت ۾ ڇپبا آهن؟ مان اڃا ڪالهه آسنداس کي نوڪر لاءِ چٺي آڻيو هوس. هو اخبار کان گهٽ ته ڪونهي؟ هن مهل ٽائين ته اها ڳالهه هندستان ۾ ڦهلجي چڪي هوندي.

ڌني - تن مهڻن کان وٺي ويٺي رڙيون ڪريان. پر توکي ڪوبه نوڪر راس اچي لڌو هن ته.

خوشيرام - تنهنجي مرضي آهي ته نوڪر منهنجي مٿي تي اچي چڙهي ويهي؟

ڌني - اڃا ٽائين ته ڪنهن کي اوهانجي مٿي تي ويهڻ ڪونه ڏنو آهي.

پرڪاش- سچ ٿو چوان ممي! (پرسان ايندي هٿڪندي)
ماڻ ٻاهر وڃان؟

ڏلي- (چڙڪ ڀري) هندستان کان ٻاهر!

پرڪاش- ان ۾ ڇا هي؟ سڄي دنيا پيئي وڃي....

ڏلي- وڃن نہ اڪا ئي وڃن.... وري ڪڏهن
اهڙي ڳالهہ زبان تي نہ آڻج.

پرڪاش- (چيڙائيندي) ڏس ممي! ٻوءِ دانهون نہ
ڪجانءِ تہ اچي ڦاٿي آهيان....

ڏلي- ڪوڙ چوندي پس.... ڪوڙ چوندي پس... هاڻي
هاڻي ٻروش ڪر تہ ڇانهہ ڪٽي اچان....

پرڪاش- ٻروش ٻروش تہ ٻوءِ بہ پيو ٿيندو.... ڀورين
ڇانهہ تہ ڏي....

(اندران خوشيرام هٿ ۾ اخبار ڪٽي رڙيون
ڪندو اچي ٿو)

خوشيرام- اخبار ۾ هيءَ اشتهار ڪنهن وجهايو آهي
تہ مونکي نوڪر جي ضرورت آهي؟

ڏلي- مون وجهارايو آهي.

خوشيرام- (ٻورو نہ ٻڌندي) تو بہ ڪوڙ وجهايو آهي.
تہ ٻئي ڪنهن ڪي ڪٿيءَ ڪيو هٿو.

ڏلي- (زور سان) مون چيو مون وجهارايو آهي.

خوشيرام- تو وجهايو آهي! پر مون تہ نوڪي ڪوڙ

انٽرويو سان نہ ماڻهوءَ جو اصل پتو ظاهر
ٿي پوندو آهي. (ٽوسي) پا نہ وري تون
ٿي ڪو پنهنجي لاءِ ڳولهہ ....

ڊيسي - توهان جي عقل کي بہ اصل اڌوهي لڳندي
ٿي وڃي! هاڻ هن عمر ۾ مان پنهنجي لاءِ
ڪو ٻيو ....

خوشيرام - آهين عقل جي دشمن .... منهنجو مطلب
آهي تون پاڻ ٿي انٽرويو وٺي ....

ڊيسي - پاهہ ڏيان تنهنجي انٽرويو کي. توهانجي
ورتل انٽرويو جو نتيجو اڃا تائين ويٺي
ڀوڳيان ....

خوشيرام - (چڙندي) هاڻي پلا نوڪر جي ڳالهہ تان
پنهنجيءَ ڳالهہ تي ڇو آئين؟

ڊيسي - نہ پوءِ ڪوئي نوڪر رکو ڇو نٿا؟

خوشيرام - ڪوئي ڍنگ جو نوڪر ملي نہ رکان پيا
رستي تان ڪنهن لچ لوفر کي پڪڙي
اچي گهر وهاريان؟

ڊيسي - ائين اهڙو ڪير؟ توهان نہ ائين سوال
جواب ڪندا آهيو جڻ هن سان جنم مرڻ
جو رشتو ٿا ڳنڍيو.

خوشيرام - توکي خبر آهي ڪونہ ... ؟ تون بہ نہ اڃان
پڙهي ڪونہ ٿي لکين. اڄ وارن کي

پرڪاش- ممي پليز.... هاڻي توڻ چپ ڪر نه.

ڌني- پيا به نه هن جهڙا آفيسر آهن. هڪ نوڪر
وڃي مس نه پيو نڪ....

خوشيرام- شڪ!؟ شڪ اٿم نه واجبي اٿم. شريف
نوڪر ڳولهڻ ڪا مذاق ڪونهي. سڀني
پاسي خبردار رهڻو تو پوي.

ڌني- نوڪر نه ٿيو، مارئو مروُن ٿيو.

خوشيرام- وڙهوُن! پر وڙهوُن ڇو!؟ اهڙي ڏني
مٽي نوڪر کي گهر ۾ گهڙڻ ئي ڇو ڏجي؟

پرڪاش- ڊئڊي پليز! هاڻي توهان ئي....

ڌني- نه پوء اخبار ۾ وجهايو نه نه رڳو هڏن ج
پڇرو ئي توهان وٽ....

پرڪاش- اوف! ممي! هاڻي.... ٺيڪ آهي.... مار
ئي هليو تو وڃان. (اندر هليو وڃي تو
خوشيرام پرسان اچي ڌني کي سمجهائيندي

خوشيرام- من! توڻ آهين زال ذات. منهن نه اڳ
پوء مرڙدن کي ڏيڻو تو پوي نه؟.
جيستائين منهنجي ورتل انٽرويو ۾ ڪ
پاس نه ٿيو آهي....

ڌني- توهان سان نه توبهه آهي. ٿورو عهدو
مليو.... انٽرويو.... انٽرويو....

خوشيرام- (کلندي) ڇري! اصل صفا ڇري آهين

اَڏو- گهڻن ئي هنڌ ڪم ڪيو آهي.

ڏني- تنهنجي فئملي وغيره....

اَڏو- (شرمائيندي) منهنجي اڃا شادي ڪونه ٿي آهي.

ڏني- مان سمجهان ٿي ٺيڪ آهي. اندر هل ته ڪم سمجهايانءِ.

خوشيرام- (اندران ايندي) اِها انٽرويو ورتي يا انٽروڊڪشن (Intorduction)؟

ڏني- مان انهن ليڊين ميڊين مان ڪجهه ڪونه ڄاڻان.

خوشيرام- ته ٺيڪ آهي. تون اندر هل.... مان ٿو انٽرويو وٺي ڏيکاريانءِ.

ڏني- وڃان ٿي پر ياد رکجو. هن دفعي reject ڪرڻو نه آهي. (پير پٽيندي اندر وڃي ٿي)

خوشيرام- (ويهندي) تو پنهنجو نالو ڇا ٻڌايو؟

اَڏو- اڃا ٻڌايو ئي ڪونهي سائين.

خوشيرام- ته پوءِ هاڻي ٻڌائي ڇڏ نه. ان لاءِ به توکي عرض ڪرڻو پوندو؟

اَڏو- (آهستي) اَڏو....

خوشيرام- ڇا چيئه؟ ڪڏو!

اَڏو- (زور سان) ڪڏو نه سائين، اَڏو....

ڪارو ڪيو پيئي گهمين ۔

تلسي - اهو ڳالهايو ڇا پيا؟ هوش نہ ٺڪاڻي اٿو؟

هوشيار - اخبار پڙهين تہ خبر پوئي ۔ اڄ ڪالهہ نوڪر جو مالڪياڻيءَ سان ... مالڪياڻي جو نوڪر سان ....

تلسي - هاڻي چپ بہ ڪندا .... ماڙهن اخبار وارن کي ٻيو ڪم ڪهڙو آهي؟ اهي ڪوڙا قصا نہ ڇاپين تہ کائيندا ڇا مان؟

هوشيار - اها ئي تہ تو ۾ خرابي آهي ۔ غصو تہ اصل نڪ جي چوٽيءَ تي رکيل اٿئي ۔ (در جي گهنٽي وڄي ٿي) تنهنجو ئي ڪو نوڪر اميدوار هوندو ۔ هاڻي ٿورو هوشياريءَ سان سوال جواب ڪجانس ۔ مان اندر وڃي ٿو ويهان .... (پنهنجي ڪمري جي در پٺيان بيهي ٿو ۔ تلسي ٻاهر وڃي هڪ نوجوان کي پاڻسان وٺي ايندي)

تلسي - اچ اندر ۔

أدو - جي .... هو .... اخبار ۾ نوڪر لاءِ اوهانجو اشتهار پڙهيو ....

تلسي - اڇا .... اڇا! (ڪيس جاچيندي) هن کان اڳ ڪٿي ڪم ڪيو اٿئي؟

آهي. سمجهيئه؟ ڇا؟

اُڌو- (ڊهرائيندي) مالڪ سان ڪڏهن به ايترو
آهستي نه ڳالهائبو آهي.

خوشيرام- شاباس .. شاباس! ٻهڙي ڄڻن جو ڳنڍ آواز
وات مان ٿو نڪري. (خوشيرام شوڪي
ڪجهه وقت لهاريس ٿو. اُڌو سمجهي وڃي
ٿو.)

اُڌو- چوري! امان ڪئي هئي.

خوشيرام- هون! نه ڇٽبو خانداني چور آهين؟ جئي
هتي چوري ٿئي نه؟

اُڌو- (اُلساهه مان) نه ڪڏهن به ثابت ڪري نه
سگهندا نه چوري مون ڪئي آهي.

خوشيرام- V. Good چڱو سچار ۽ صاف دل پيو لڳين....

اُڌو- اهو نه سائين ڪي ڏسندا نڏهن پتو
پوندو نه....

خوشيرام- (ڇرڪ ڀري) ڇا مطلب؟ ڪنداسون ۽ نه
ڪوڙ ڳالهائيندين؟

اُڌو- (عجب مر) مون ائين ڪٿي چيو سائين؟
توهان نه اصل وائيءَ ۾ وڪڙ پيا وجهو.

خوشيرام- (چڙندي) وائيءَ ۾ وڪڙ ٿو وجهان؟

اُڌو- پال تي سائين!....! توهان نه اصل ڳالهه کي
چنبڙي ٿا پئو....

خوشيرام- اونڌو! (اڌو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو) نيڪ
آهي. اهوئي نالو نيڪ، هندو- نوڪ
اهينءَ اونڌائي هوندا آهن؟ Qualification
مطلب ڇا پڙهيل آهين؟

اڌو- اٿون فيل آهيان.

خوشيرام- ڪٿو فيل آهين!

اڌو- (زور سان) ڪٿو نه سائين. اٿون.... اٿ-و
فيل آهيان.

خوشيرام- نه ايڏيون رڙيون ڪرڻ ڇو پيو ڳالهائين؟
مان ٻوڙو نه ڪوڙ آهيان. ياد رکـ مالڪ
سان ڪڏهن به ايترو زور سان نه ڳالهائبو
آهي .... هان! ڇا؟

اڌو- (دهرائي) مالڪ سان ڪڏهن به ايترو زور
سان نه ڳالهائبو آهي ....

خوشيرام- شاباس! ...?Experience مطلب ڪٿي ڪٿي
ڪم ڪيو اٿئي؟

اڌو- ٻ ٻوئي ٻ هڪ شيخ جي محل ۾ پنهنجي
ماءُ سان گڏ ....

خوشيرام- ڇڱو خانداني نوڪر آهين .... Good پوءِ؟

اڌو- پوءِ اٿي چوري ٿي. (آهستي)

خوشيرام- ڇا؟ ٿورو ڏايڍيان ڳالهاءِ.... ياد رکـ مالڪ
سان ڪڏهن به ايترو آهستي نه ڳالهائبو

اڌو- نيڪ آهي سائين! اوهان ته هتي مون کي هيسائي ڇڏيو آهي.

خوشيرام- نوڪر جيترو هيسيل هجي اوترو سٺو. پگهار 70 روپيا ملندءِ.

اڌو- نيڪ آهي سائين! مهنجو ڪاڌو به ڪو گهڻو ڪونه آهي.

خوشيرام- (ٽهڪ ڏيئي) ڪاڌو! توکي ڪاڌو ڪير کارائيندو؟ اها ڪل پگهار اٿئي. ٻيا شرط معمولي آهن.

اڌو- اهي به ٻڌائي ڇڏيو سائين!

خوشيرام- باسڻ ٻهاري پوچو توکي ڪرڻا پوندا.

اڌو- نيڪ آهي سائين!

خوشيرام- گهر جو اندريون ٻاهريون ڪم به توکي ڪرڻو پوندو.

اڌو- بلڪل نيڪ سائين!

خوشيرام- رات جو چوڪيدار جي اچڻ جي اطلاع به توکي ڏيڻو پوندو.

اڌو- منظور آهي سائين!

خوشيرام- ڏينهن جو ڀنگياٽيءَ جي اچڻ جي خبر به توکي ڏيڻي پوندي.

اڌو- برابر سائين! پر رڳي هڪڙي مهرباني ڪجو.

خوشيرام- ڇڱو ڇڱو. تو مهنجا سب شرط مڃيا آهن.

خوشيرام- What! مان ڪوئي چڙيءَ آهيان. گيدوڙو آهيان. جو چمڙي پولدس؟

اَدو- هن مان ڦاٿس.... مون گيسي ڪئي.... جانو پرلو....

خوشيرام- گانو! گانو ڇا؟

اَدو- گانو نه سائين! جانو.... جانو.... مون ٽوبهه ڪئي.

خوشيرام- ايتري ۾ ٽوبهه پري.... اڃان ته انٽرويو شروع مس ٿيو آهي. تو مونکي ڇا ڪري سمجهيو آهي.

اَدو- ڪجهه به نه سائين.... مان....

خوشيرام- ڪجهه به نه! يعني مان ڪجهه به نه آهيان!

اَدو- هاٿي پلا پگهار پڌائيندا؟

خوشيرام- پگهار پڌايانءِ! ڪم ڪونه ڏسندين.

اَدو- ٺيڪ آهي سائين پهرين پلا ڪم ڏيکاريو.

خوشيرام- ۽ جي پگهار پسند نه اچيئي ته اجايو ڪم ڏيکاريانءِ.

اَدو- ته پوءِ جيئن: اوهان کي وڻي سو پهرين پڌايو....

خوشيرام- شاباس! چڱو. مان توکي ڪم ڏيکاريندي پگهار پڌائيندس ۽ پگهار پڌائيندي ڪم ڏيکاريندس.

أڏو- انهن ئي سمجهو.

خوشيرام- هي تون ڳالهائين ڪيئن پيو؟

أڏو- جيئن اوهان سان منهنجو ڳالهائڻ ڪيندو هو.

خوشيرام- تون ته اصل مٿان لانگ ورائيندو ٿو وڃين.

أڏو- اوهان ڳالهيون ئي اهڙيون پيا ڪريو.... اوهان کي نوڪر رکڻو ئي ڪونهي پوءِ اجايو وقت ڪونئي ڇو پيا ڪريو.

خوشيرام- رونيءَ جو ان سان ڪهڙو واسطو؟

أڏو- اوهين پنهنجن ڪنن سان گڏ دماغ جو به علاج ڪرايو.

خوشيرام- ڇا چيئه- منهنجو دماغ خراب آهي. تون سمجهين ٿو ته مان ڦٽڪو آهيان. جوان پٽ اٿم. پرڪاش ... پرڪاش (سڏ ڪندي)

ڌڻي- (اندرا ڌڻي اچي ٿي) ڇا ٿيو؟ ائڏيون رڙيون ڇو پيا ڪريو. هيءَ نه ٻوڙو آهي ڇا؟

أڏو- مالڪڻ- اوهان کي نوڪر جي ضرورت آهي ڪونه. هرو ڀرو....

ڌڻي- آهي- آهي.... هل اندر.... هاڻي ڪم ڪر. باقي ٻيون سڀ ڳالهيون پوءِ....

خوشيرام- پر اندر واري موجب ته فيصلو هن جي خلاف آهي.

باقي مان انهنجي هڪڙي....

اَدو- ڀنگياٽيءَ کي رات جو ۽ چڙ ڪيڏا، کي ڏينهن جو ٻارڙ وقت موڪلڻ لاءِ نه چئجو.

خوشيرام- (چڙڪي) چا چئي! تو مونکي چريو ڪري سمجھيو آهي.

اَدو- چڪ ٿي ويئي! سائين! توهانجون ٻيون ڳالهيون سڀ اٻتيون آهن ان ڪري....

خوشيرام- مون توکي اڳهوڻ چيو ته تہ جيستائين مونکي سڀني ڳالهين جي خاطري نه ٿيندي تيستائين ....

اَدو- برابر سائين! هاڻي هڪ ڳالهه مان پڇان؟

خوشيرام- بلاشڪ .... بلاشڪ پڇ ....

اَدو- توهان سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهيو نه؟

خوشيرام- ها! لڳان ڪو نه ٿو؟

اَدو- اوهان کي هر سال Increment ملندي هوندي ؟

خوشيرام- نه .... سڄي عمر هڪ ئي پگهار تي ڪم ڪندس ؟

اَدو- تہ پوءِ هر سال اوهانکي ايتري پگهار منهنجي به وڌائي ڏيڻي پوندي.

خوشيرام- يعني نوڪري مان ڪندس ۽ Increment تون کڻندين.

ڌني - (اندرا ايندي اٿي ۽ هٿ ۾ ٻڌل) وري ڇا ٿيو جو هاء هاء مچائي ڏني اٿوء

خوشيرام - ٻاهه! ٻاهه لڳي منهنجي دشمن کي. مان ڇو ٻاهه ٻاهه ڪندس.

ڌني - (ٻاهه ڪنهن چيو؟ هاء هاء ٿي چوان. هاڻي ڇا ڪيو؟ هوڏانهن مٿو ٽٽو پيو ٿـو سڙي)

خوشيرام - ڪڙهي! نه ٻوء وڃ لي نه اهامي نه وڃي.

ڌني - هاڻي ٻڌايو، ته ڇو سڏ ڪيو؟

خوشيرام - هتي هڪڙو اگربتيءَ جو ٽڪرو مون ڪالهه رکيو هو.

ڌني - ڪيڏانهن ويندو مارِيو اگربتيءَ جو ٽڪرو؟ ڪالهه مون ئي ٻاري ڇڏيو هوندو.

خوشيرام - گهڻا دفعا سمجهايو ٿئي مانء ته هڪ دفعو پوڄا ڪرڻ ڪافي ٿيندي آهي؟ جڏهن مان صبوح ساڻ اٿي اوهان سڀني جي پاران اگربتي ٻاري پوڄا ڪريان پيو ته پـوء....

ڌني - هرڪو پنهنجو پنهنجو پڄ پائيندو.

خوشيرام - پڄ پائيندو؟ يعني مان هيئر پڄ ٿو پايان؟

ڌني - پڄ ڪنهن چيو؟ پڄ ٿي چوان.... پڄ.... توهان ته اصل .... هوڏانهن مٿو ٽٽو سڙي

ڏ ئـي - ته مان پنهنجو VETO پاور ڏي ڪم آڻيان
(اندر وڃي ٿي وڃي خوشيرام ڪرسيءَ تي
ساڙو ٿي ڪري ٿو پوي. پرڪاش اچي ٿو)

پرڪاش- چا ٿيو ڏاڏي! اوهان سڏ ڪيا؟...

خوشيرام- ها پٽ، جڏهن پڙهڻ ختم ٿئي تڏهن اچج

پرڪاش- پر مان سنان ڪوٺيءَ ۾ هوس، ڏاڏي!

خوشيرام- Bath Rocm ڪي باهران تالو ته لڳل ڪو
هئو؟ هو بدمعاش منهنجي جان وٺڻ لا
تيار هئو ۽ تون باٿ روم ۾ عيش سان
وٺو هئين.

(اشارن ۾ دهرائي ٿو - آهستي آهستي
آواز گم ٿيندو ٿو وڃيس)

SCENE II

پئي ڏينهن - وقت صبح - درشيه ساڳيو ڊرائنگ
روم - پڙدو کلڻ تي خوشيرام پاسي واريءَ پٽ تي
پگوان جي مورتيءَ هيٺان رکيل اسٽول تي پوجا ج
سامان ۾ ڪجهه ڳولهيندو نظر ٿو اچي. ڪجهه وق
کان پوءِ.

خوشيرام- (رڙ ڪري) ڏاڏي! او ڏاڏي! پتڻ ب
ڪونه ٿي. جيئن عمر وڌئي ٿي وڏندي
تيئن وڃڻ تي پوڙهي ٿيندي.... ڏاڏي!

ٽنگيل هجي ها ته پهرين ننڊ مان اُٿڻ شرط
انجو درشن ڪرڻ ها.

پرڪاش- Please Oh Dad چڪ ٿي! پر توهان ڪمري
۾ هٽائي ڪوله.

خوشيرام- ته هن اسٽول تي ڪير ويٺو هئو.

پرڪاش- اسٽول تي! ڪوئي ڪوڪو اوڪو ٽوڪٽو
هوو؟ مونکي ڏيو مان ٿو ٽوڪيان.

خوشيرام- اي ابا - پوجا پٺي ڪٿي. هيءُ ڀڳوان
جي مورت ڪوله تي ڏسڻ ۾ اچيئي؟

پرڪاش- پر ان لاءِ اسٽول تي ٽنگجي ويهڻ.... Sorry
مطلب ته چڙهي ويهڻ جي....

خوشيرام- ڪمال ٿو ڪرين.... ڀڳوان ويٺو آهي مٿي
پٽ تي... مان جي هيٺ پٽ تي ويهندس
ته مونکي ڏسندو ڪيئن؟

پرڪاش- پر ٻڌي، ڀڳوان ته هرهنڌ آهي. هرڪنهن
کي ڏسي ٿو.

خوشيرام- ته مون ڪڏهن چيو ته ڪونه ڏسندو آهي؟
پر جي ڌيان ٻئي پاسي هجيس ته گهٽ
۾ گهٽ سامهون ويهڻ سان ڏسڻو پوندس
نه.

پرڪاش- اڌوري گيان جو اجهو اهو نتيجو آهي.

رکي ٿي وڃي. (اندر وڃي ٿي)

خوشيرام- ڏٺو. اڄ ڪالهه جي زالن ۾ اهائي ته
خرابي آهي. سچ ٿا ته چئين... اصل
مرچ ٿي ٿا لڳن، (ٽيئي اگربتي جلائي
جلدي وسائي هيٺ رکي. پوءِ اسٽول تي
چڙهي مورت جي بلڪل سامهون بيهي
ڪجهه منتر وغيره پڙهي ٿو. اندران پرڪاش
ڪري پهچندو آهي Tape Recorder چالو ڪري
ڊانس ڪرڻ شروع ڪري ٿو. خوشيرا
ناراضگي سان نهاريندو ۽ ٻڙ ٻڙائيندو هيٺ
لهي ٿو.

خوشيرام- ڪوڙ پٽندو... مونکي ٿي اهو رينگ
بند ڪرڻو پوندو. (بند ڪري ٿو) وڏ
پوڄا ۾ خلل. اڄا ڀڳوان سان منهن منهن
ٿي روح رهاڻ شروع مس ڪريان ته
ماٺيئن نه ٿو... اصل ناٽڪ يا هرڪاش
والگر وڳهن ضرور وجهو.

پرڪاش- (ٽڪي ڪل ڪلندي) ally I am sorry Oh !
Sorry Dad. مون اوهان کي ڏٺو ڪون

خوشيرام- ڪٿان ڏسندين - (هٿ جوڙي) اهائ
متو ٻالا يا هيما مالني جي مورت پت

جڻ ٻاڙي وارن کي ڀڄائڻو اٿئي (پريشان
لڪندي وري ڪيس لڪائڻ جي ڪوشش
ٿو ڪري جو پڙهان ٿيلهو ڏنيس ٿــي)
پرڪاش ! هاڻي ماريا بس نه ڪر. جوٺهين
اچي ته پوءِ 24 ني ڪلاڪ ان کــي وڃنو
لڪائنجان .

پرڪاش- (اوچتو رڪجي) ڇــا ڇيئه ! اهــو وراڻي
ڇيئه- جوٺهين ڪڏهن ايندي ؟

ڊلي- (ڪلي) اڃا گڏ پر گهٽو پيو آهين پهريان پاڻ
ته سنڀال ......

پرڪاش- پاڻ سنڀالــڻ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهــي .
(Balance ناهــي) ڏس ! زمين لــي پــاڻ
سنڀاليو پيو آهي (هيءَ اسٽول لي ۽ هي
ٽيبل لي .... ڪرڻ لي آهي)

ڊلي- سنڀال .... ماريا ڪري نه بوڻ .... ڪا سٺي
نوڪري ملئي ته پوءِ ....

پرڪاش- (وهندي ، بس ، اها ڳالهه خراب ! نوڪري
هتي سٺي ملڻي ڪونهي انڪري جوٺهين
اچڻي ڪونهي .

ڊلي- نوڪري به ملندي ....

پرڪاش- پــر ڪڏهن ؟ When? جڏهن مان پيرو ٿي
ويندس ....

اسا انجا وڏا بيوقوف نه ڪونه هئا؟ هيءَ
اجا ناٿين گهڻد گهڙيال وڃايا ويندا آه
سو ڇو؟
(همت جوڙي) اي ايشور! اڳيائين جي
ڳالهين جو دل ۾ نه ڪجان. (پرڪاش ڪج
چوڻ چاهي ٿو جو روڪيس ٿو) نون ا
ٻار آهين. اهڙيون ڪوڙهيون ڳالهيون توکي
سمجهه ۾ ڪونه اينديون.

پرڪاش- Oh, Dad! اوهان ڀڳوان سان ڳالهه ٻول
چالو رکو. مان اندر ٿو وڃان.

خوشيرام- هاڻي هيٺري گوڙ ڪان پوء ڀڳوان اجا پ
ٿي وينو هوندو. مان ٿي ٿو وڃان. (اند
وڃي ٿو) (پرڪاش وري ٽيپ هلائي
؟ لهي ٿو)

پرڪاش- ممي Mom! (ڏني اندران اچي ٿي. ڪيس
۽ ٽورو لڪائي ٿو)

ڏني- مئا ڇڏ، هٽي ڪيرائي ڇڏيندين...

پرڪاش- Oh! Mom منهنجي هولدي ڏنهنجي ڪر
جو سوال ٿي ڪونه ٿو اٿي.

ڏني- ڇگو هاڻي ڇڏ ۽ (زوريءَ ڇڏائي Tape
ڪري ٿي) ايترو زور سان ٿو هلائين ج

كاش- صرف مونکي پارٽ سان ڏنڊي ۾ لڳائي -
ڪم ڪرڻ لاءِ مان تيار آهيان. رڳو سندن
آزمودو مونکي مدد ڪندو.

ي- چپ ڪر ماريا، ساهرن جي در لي وڃي
پوندين؟ ماٺهو ڪلي مارين .... چوندا ساهرن
جو نوڪر آهي ....

كاش- بس ٿي وئي چوٽي - انهن جي در لي
چو وهندس ۽ ڪڏهن لائي به نوڪر
ٿيندو آهي؟ Partner Partner .... حصيدار ....

ي- ڪوله ٿي کپي اهڙي حصيداري .... ساهرن
جي پئسي لي ....

كاش- اڙي اهو قرض ڪري سمجهو .... هڪ
دفعو ڏندو جميو نه قرض ختم .... پوءِ
پنهنجو ڏندو .... پنهنجو پارٽ مالڪ ....

ي- ڪير انهن مڃيندءِ چو؟ تو جهڙي ڦڪڙ
لي ڪير انهن پيسو چو وڃائيندو ....

كاش- وڃائيندو! Invest صرف - پنهنجي ڏيءِ
جي سگهي آئيندہ لاءِ Bright Future لاءِ
سندس ڏيءِ جو .... سندن ڏوهٽن ۽
ڏوهٽين جو.

ي- الائي ڪهڙيون تو فلمون ڏسين ... دماغ

ڏني- توون نه اصل ....

پرڪاش- ڏس ممي، هيئر منهنجي عمر ۲۴ سال ٿي
وئي آهي . اڃا نه ڪنهن سٺيءَ نوڪري
جو چانس ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي .... ٻيا ٻ
سال گذريا ته بس .... ٽوڙهه ڪسي ويندي
اکين تي هڪ موٽو چشمو هوندو .... ڳلن
۾ ڪڏون هونديون؟ پوءِ ....

ڏني- (کلي) توکي ته ليکڪ ٺيڪ ڪهندو هو ....

پرڪاش- وري ڳالهه ٽار نه .... O.K. اسين Sequence
ڦيرايون ڇو نه؟ پهرين شادي ڪري
ڇڏيان ۽ پوءِ نوڪري ڪندس .

ڏني- ۽ جو ٺهين کي کارائيندي ڇا مان؟

پرڪاش- ڌنڌيءَ مونکي به ته ڌنڌي کارائي پي
نه؟ هوئن به اڄڪلهه ڏيءَ برابر ٿيندي
آهي .... سمجهو ته هڪ ڏيءَ وڌيڪ جائي ..

ڏني- متان ڌنڌيءَ جي سامهون ائين چيو اٿئي؟
هو گهر ڇڏي سنياس وٺڻ لاءِ تيار ٿي
ويندو ....

پرڪاش- چڱو هيئن ڪريون - ڪنهن Business وار
کي ڳولهيون .... ڪائي ڏيتي ليتي نه ..
صرف هڪ شرط رهندو.

ڏني- ڪهڙو؟

پنهنجو Veto استعمال ڪيو آهي ....

ڪاش- Wonderfull . روس ۽ امريڪا جا ويٽا
تنهنجي وٽني جي اڳيان ڇا ته ڪ جهلندا ....
پر رڳو ڊئڊيءَ جي پگهار مان نوڪر
رکي .... No .... No .

لي- پٽيون ٻه دم ڪولهي- نه نه هيڏي وڏي
عهدي لي آهي . جيڪر ڪنهن کي چڻ چاه
ڪري (خوشيرام) اندرا ايندي)

وشيرام- وري ڇا جي ڪاڻ ڪاڻ لڳائي ڏني اٿئي ....

لي- توهانکي نه ياد آهي رڳو ڪاڻ ڪاڻ .... پٽ
جي لاءِ ڪنهنکي چڻ چاڻ ڇو نه ڏنا ڪريو؟....

وشيرام- (ڪلي) ڇري ... پٽ لاءِ ڪنهن کي چڻبو
آهي ڇا؟ پاڻيهي جنهن ڪي ڏيءِ ڏيٽي
هولدي سو ڏيئي ويندو....

لي- نوڪريءَ لاءِ ٿي چوان ....

وشيرام- ها- ها- مان به ڇوڪريءَ لاءِ ٿي ٿو
چوان .... نوڪريءَ لاءِ ڪوله ٿو چوان ....

لي- توبه آهيو ڪي ....

وشيرام- شوپا آهي ڪاني! ڪهڙي شوپا؟

ڏو- ديوان صاحب! توبهه پيئي پري ....

وشيرام- توبهه ٿي پري (ڏليءَ ڪي) تنهنجي نه

ٿي اُلٽو ٻيو هليئي .

پرڪاش - Practical Suggestion چڱو! پلا هيئن ڪر ...

ڏلي - هاڻي بس ڪر .... ڪوله ٿا ڪپن لڌهڄا ..
(وچڙ جي ڪري ٿي)

پرڪاش - هڪ منت please .

ڏلي - چئه پلا - اڇا الاهي ڪم رهيا پيا آهن.... اه
ڪهڙو Practical Suggestion آهي .

پرڪاش - هڪ گرم گرم .... مٺو چانهه جو ڪوپ پيار...

ڏلي - هان وٺ ماريا (کلندي) وڃين ٿو مسخر
ٿيندو. ڪنهن سرڪس واري ڏنئه ڏه ..
(ڏلي وڃئي - پرڪاش وارن کي ٺاهي
ٿو. پوءِ ڏلي اُڏي جي هٿان چانهه
بسڪوٽ کڻائي اچي ٿي)

اُڏو - چانهه - لنڊيا ديوان!

پرڪاش - (هيڏانهن هوڏانهن نهاري) لنڊيا ديوان
هيءُ وري ڪير آهي؟

ڏلي - هيءُ نئون نوڪر آهي .... ڪالهه ڪا
لڳو آهي ....

پرڪاش - (چرڪ ڀري) نوڪر ؟ هن ڏهر ...
Impossible د ڏيءُ کي خبر آهي؟

ڏلي - ها - ها - خبر آهي .... مان ٻه هن دفع

ٻه ٻه لڳائي ويٺو آهين. (وچڙو)
(خوشيرام کي) هاڻي ڇڏو....

خوشيرام- ڇيو نه تو ٻڌي.

ڏني- اوهان پٽ لاءِ ڪا ڇوڪري ڇو نٿا ڳولهيو؟

خوشيرام- نوڪري منهنجي کيسي ۾ رکي آهي جا جهٽ ڪڍي ڪڻي ڏيان....

ڏني- ڇوڪريءَ لاءِ ٿي چوان.

خوشيرام- ها - ها - مان به نوڪريءَ لاءِ ٿو چوان. ڇوڪريءَ لاءِ ڪونه ٿو چوان....

پرڪاش- مان چوان ٿو مان ٻاهر ڇو نه هليو وڃان.

خوشيرام- هندستان کان ٻاهر! ان لاءِ ڍڳ ناڻي جا ايندا ڪٿان؟ ڀاڙو ڀتو ۽ کاڌي پيتي جو خرچ. جيستائين نوڪري ملندي. کائيندين ڪٿان؟

پرڪاش- هڪ ڪمپنيءَ وارا پنهنجي خرچ تي موڪلڻ لاءِ تيار آهن. رهڻ لاءِ Free Furnished مڪان. پنج هزار پگهار ۽ ڪار وغيره.

خوشيرام- پوءِ نه ٺيڪ آهي.

ڏني- مان به وڃي هيٺري ديس کان ٻڌان... چوان.... ڇا چوان.... ڇا چوان.

پيڙيءَ ۾ وڃي ٿي ڪل ٿڙندي ... ڳالهائير
ٿي هڪڙو ڇڇن ۾.

ڌني - نه رڙيون ڪري سڄو پاڙو مٿي تي کڻان
پرڪاش - Oh Mummy هاڻي مطلب جي ڳالهه ڪر
ڌني - ٻڌين ڪٿهن نه؟ اهڙا ماڻهو ٿا آفيس
اچن. ڪنهن کي پٽ جي نوڪريءَ لا
ڇڏو ڇو ٿا؟
هوشيرام - ڇوان ڇو نٿو. پر اڄ ڪالهه راند لڳي پئي
آهي پئسن جي....
اڌو - سائين - پاڻ پئسن جي اڄڪلهه ڪير
راند ڪري. اڄڪلهه آهن ساوا نوٽ...
پرڪاش - يار تون چپ رهه نه. وچ ۾ ڳالهائيو آهي
اڌو - سائين اڳيون مالڪ چوندو هو ته نوڪر ک
ڪڏهن پاڻ ڳالهه شروع نه ڪرڻ کپي.
هوشيرام - ٺيڪ چوندو هو.
اڌو - ان کان اڳيون مالڪ چوندو هئو. ته inal
ڳالهه مالڪ ڪندو آهي.
پرڪاش - ٺيڪ ته آهي يار.
اڌو - اوهان چئو ته وچ ۾ نه ڳالهائيو آهي. ته ما
ڳالهايان ڪڏهن؟....
ڌني - ماريا هاڻ اندر وڃي ڪم ڪر. رڳو پنهنجي

وڃڻ ٿو چاھين، پٽ!

پرڪاش- تو جھڙي ماءُ کي ڇڏي ڪير وڃڻ چاھيندو
ممي! پر سڀ اٿئي نہ ھتي ايترا پئسا
ڪونہ ملندا.

ڊالي- نہ ملن، پيسن کي ڏوڙ وجھجي. تون ھليو
ويندين، پٺيان جو سڄو ڏينھن ويندو....
مان اڪيلي نہ ھتي ڇري ٿي پوندس.

پرڪاش- ٺيڪ آھي ممي! جيسيتائين تون خوشيءَ
سان موڪل نہ ڏيندينءَ، ڪونہ ويندس.
پر پوءِ اھڙا سک ڪٿان ملندءِ؟

ڊالي- ڪڏ ۾ پون اھڙا سک. منھنجي لاءِ تنھنجو
سک ئي ڪافي آھي. (پيار ڳلي سان)
تون ھوندين - تنھنجي ڪنوار ايندي -
ننڍڙا ننڍڙا ٻلڙا ٿيندا. سڄو ڏينھن گھر
۾ لڳي پيئي ھوندي ڇم ڇم - ڇم ڇم....
سڄو اڱڻ پيو ٻھڪندو.

پرڪاش- واه! واه! ڇا اونچي ڪلپنا آھي. (کلندي)
پر ممي - جھڙا ھندستان جا حال آھن نہ
ھنڪي بہ ڪرڻي پوندي نوڪري - پوءِ
ڇم ڇم جي بدران پوءِ گھر ۾ لڳي پيئي
ھوندي کٽ پٽ - سڄو پاڙو

خوشيرام- ايڏو وقت رهڻو سوچڻ کان ڇڏي ڇو نٿي
ڏيسن ؟

ڏ لسي - مونکي ڪوهي ڪيڏانهن موڪلڻو. هڪڙو
هائي ڏاڻي پٽ سوبه موڪلي ڏيان ولايت

خوشيرام- نه ولايت اڄ ڪالهه کهڙي پري آهي؟

پرڪاش - Right Mummy اڄ ڪالهه جيٽ هوائي جهاز
لڳا پيا آهن. ڪلاڪ ۾ هڪ ملڪ کان
ٻئي ملڪ. ٻئي ملڪ کان ٽئين. اصل زون
(هٿ هلائي ڏيکاري ٿو)

خوشيرام- (کلي) سچ ٿو چوين.

ڏ لسي - هائي چپ به ڪندا؟ جي پٽ جو منهن
ڏسڻ لي دل ٿئي نه اٺو ڏهه هزار روپيا
جو يڪدم گهرائي وٺوس.

خوشيرام- نه باقي فونا چو ڪندا آهن. دل ٿيئي
نه ڪٺي پاسي ۾ رکج.

ڏ لسي - فونا رکن منهنجا دشمن - جيڪي اڇيو ٿو
سو پيا ڳالهايو؟ پيءُ آهيو يا ڪاسائي
رکو اٺو پئسي جي لاءِ....

خوشيرام- پئسو مان پاڻ سان بدي ڪٺي ويندس.
لڪائي وهاريس ڪيچ ۾ (وڃي ٿو).

ڏ لسي - (پريل آواز ۾) لون سچ پچ مونکي ڇڏي

اُڏو- سو ته مالڪڻ ڀاڙو ڏنو آهي. مارڪيٽ
مان هٿنڊل وارو ڀاڙو وٺي اچي پائيندس.

ڏني- وچ ۾ گهڻو خرچ وڌائيندو. ڏيوان ٻڌءِ ته
هينئر ئي نيڪالي ڏيندءِ.

پرڪاش- ٺوڪ ته. سڀ ڳالهيون هرو ڀرو ڊنڊي کي
ڇو ٿي ٻڌائين. مس مس نوڪر رکيو آهي.

اُڏو- مالڪڻ مارڪيٽ جو ڪم هجيو ته ٻڌايو
وٺي ايندس.

ڏني- وچ ۾ شيون سياڻپ سان وٺج. اڄ ڪالهه
بازار ۾ لٽ لڳي پئي آهي. اڳو پوءِ
ڊبل روٽي ۽ انڊا به وٺندو اچج.

اُڏو- انهيءَ اوهان فڪر نه ڪريو. بازار جو ته
تمام گهڻو آزمودو اٿم. توهان پئسا ڏيو.

ڏني- (پئسا ڏيندي) وٺ، پر ڀورين باسڻ نه
ملي وڃن ها.

اُڏو- باسڻ ته مالڪڻ اچن ته پوءِ اچي مليندس.

پرڪاش- (ڇرڪ ڀري) استاد- اهو وري ڇا چئي
وئين؟ ورائي چئه ته (اوندو لڪڙ ۾ ٻاهر
وڃيڻو)

خوشيرام- (اندر آ خوشيرام هٿ ۾ ڀڳل پليٽ جا ٽ
ٽڪر کڻي رڙيون ڪندو ٿو اچي) اوندا!

پيو کلندو.

ڏلي - هل ماريا - ڏس نه ڪيئن گرو بابو وڏائيءَ منهنجي آسيس اٿئي.

پرڪاش - (اندران اُڏو باسڻ کڻي ٿو اچي) اڄ باقي تنهنجي ڪمي هئي سا به پوري ٿي. OK ممي! هاڻي تون آرام ڪر. هيڏانهن اچي ويهه. (وهڻ ٿا) ڇا ڪري سڏيون ياٽي لوڪي؟

اُڏو - نئيا ديوان - اصلي نالو ته اُڏو آهي پر وڏي ديوان "اوندو" ڪري رکيو آهي.

پرڪاش - ٻنڌي سڀني کي اوندو ڪري رکيو آهي. تون کهڙي باغ جي موري آهين.

ڏلي - مطلب ته نالو اوندو ڪري رکيو اٿائين.

پرڪاش - اڇا اڇا ته پوءِ اسان به لوڪي اوندو ڪري سڏيندا سين.

ڏلي - هاڻي هلي ڪم به ڪندين يا سڄو ڏينهن پيو قصا ڪٽيندين؟

اُڏو - ٻيا ڪم ته سڀ پورا ڪري آيو آهيان - باقي باسڻ ملڻا آهن.

ڏلي - ڪهڙا ڪم ڪري آيو آهين؟ مان به ته ٻڌان - ٻهاري پائي اٿئي؟

ڏنسي - ڇا! تہ مٺو سڄي ڪراڪري چٽ ڪري
ويو آهي ڇا؟ حق ٿي چيائين تہ باسڻ ڀڳا
اهڙا تہ پوءِ اچي مليندس (اندر وڃي ٿي)

پرڪاش - پر سڄي ڪراڪري هڪ ڪلاڪ ۾ ڪيئن
ڀڃي سگهبو هوندو.

خوشيرام - ءُ جي مان 15 منٽن ۾ سڄي ڪراڪري
ڀڃي ڏيکاريانءِ تہ....

پرڪاش - It is Simply Impossible, Oh! No

خوشيرام - گهڻي ٿو شرط لڳائين.

پرڪاش - نوڪريءَ کان پوءِ پهرين مهيني جي پگهار
جي...

خوشيرام - (هٿ ملائيندي) ڦري تہ ڪونہ ويندين؟

ڏنسي - (اندران ايندي) اوهان بہ اصل هونءَ لـ
پائيءَ پائيءَ تي ساهہ ڏيوءِ هيئن ڪراڪري
بہ ڀڃجو تہ پٽ جي پگهار بہ وڃائجو.

خوشيرام - (سمجهندي) Son of your father!! You!
بيوقوف ٿو بڻائين.

(ٻاهران اوندو خالي ٻوٽري کڻي ٿو اچي)

ڏنسي - ماريا - ڪيچ وٺي ڪونہ آئين ڇا؟

آدو - مالڪڻ ڳالهہ ٿي نہ پڇو.

خوشيرام - ڳالهيون نہ ٿو ڪان گهڻيون ٿي پڇيون -
پر پهرين ان ڳالهہ جو تہ جواب ڏي.

اونڌي جا پٽ!! هيءَ اونڌو ڪيڏانهن
پهچي ويو. هاءِ خون ٿي ويو. خون ٿي
ويو. ڪير....

ڏني- ڇا ٿيو وري؟ صاف چئو ته ڪجهه
سمجهه ۾ نه اچي.

خوشيرام- اڄ اونڌو رهندو يا مان رهندس
ڪيڏانهن ويو؟

پرڪاش- مارڪيٽ ويو آهي.

خوشيرام- هتي ڪراڪريءَ جي مارڪٽ ڪري ورتي
ٻاهر مارڪٽ ۾ ويو آهي (ڀڳل ٽڪ
ڏيکاريندي) هيءَ ڏس.

ڏني- توهان ته ڀڳل پليٽ کڻي ڇو پيا ماڻهن ک
ڏيکاريو. جڳ ڏسندو ته چوندا ته گهر
هڪ سڄي پليٽ به ڪونهي.

خوشيرام- هاڻي ته خالي ڇڇا وٺي ڪٿ ڪائجان
منهنجي مت ماري هئي جو تنهنجي چ
تي هن حرامخور کي رکيم.

پرڪاش- پر ته ٻڌايو ٿيو ڇا آهي؟

خوشيرام- اندر وڃي رڌڻي جي حالت ته ڏ
چڙهيا ڀارت جي جنگ اسانجي رڌ
۾ ئي ٿي هئي.

ڪٺي آيو ڇٽڙ سان

Act II

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ
وقت شام جا ڇهه بجا

درشيه ساڳيو - ڊرائنگ روم - پر نئون صوفا - هڪ ڪئلنڊر ۾ اپريل ٢٠٧ جي تاريخ پيئي لٽڪي - اسٽول تي Transformer پيو آهي - پڙدو کليل آهي - خوشيرام وڏي صوفا پيس کي ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندي رڙيون ڪري ٿو)

خوشيرام- اوندا! او اوندا! پڌ لڌا ڏ ڪولو .... سيٺي ڪنن ۾ ڪيچ وڃهي ويهي ٿا رهن (زور سان) اوندا ....

(اوندو آهستي اندر اچي ٿو. اڳيان پنيان پاڻهن تي - چالي لسي پوسٽر لڳل، ٽوپيءَ تي چپل "خوشيرام مرده آباد" Work to rule غريبن کي حق ڏيو وغيره)

ڏسين ٿو؟ هيڏو وڏو صوفا مان اڪيلو ڪٽي سگهندس همٿ وڃاءِ. آيا....

(اوندو آهستي اچي همٿ وڃائي ٿو.

أڌو- سائين پيٽرول ملي ڪونه ٿو.

پرڪاش- پر يار توکي پيٽرول وٺڻ لاءِ ڪنهن موڪليو
هو؟

أڌو- سائين اوهان ته بس - پيٽرول بند ته ٽيمپو
بند - ٽيمپو بند ته پاڄي بند....

ڊلي- پر ڊبل روٽي ته وٺي اچين ها.

أڌو- ساڳي ڳالهه هر هر ٿا پڇو ته جواب ساڳيو

پرڪاش- پر گهٽ ۾ گهٽ انڊا ڇو نه وٺي آئين؟

أڌو- مرغيون هڙتال تي آهن.

خوشيرام- بيوقوف - ڪڏهن مرغيون به هڙتال
ڪنديون آهن؟

أڌو- DESH جي بجلي بند - اڄ ڪالهه مرغيو
بجاءِ تي انڊا ڏينديون آهن.

ڊلي- چڱو ماريا پلا پئسا ته واپس ڏي.

أڌو- پئسا ته مان سيٺي کي Advance ڏيئي آ
آهيان.

خوشيرام- ستياناس - تو جهڙا نوڪر! اوف! منهن
مٿو! (ليٽي پوي ٿو)

(سيٺي رڙيون ڪندا "ڊاڪٽر ڊاڪٽر
وغيره هيڏانهن هوڏانهن ڀڄن ٿا)

End of Part I

خوشيرام- شاستري جي! هاڻي اهو ليڪچر بند ڪر.
مان ماڪوڙو ٿيندس نه. تون ماڪوڙو
ٿجي ايندين.

اڏو- بلڪل سائين! چوراسي لک جوڻيون آهن
ڪنهن نه ڪنهن جوڻ ۾ بدلو وٺندس.

خوشيرام- چڱو، هاڻ هن جوڻ مان نه جند ڇڏاءِ.
ٻين جوڻين ۾ پيو توسان منهن ڏيندس.
اُٿ هاڻي هٿ وجهاءِ. چرٻٽ سان اڇي
ڪم پيو آهي.

اڏو- (ڏهڪي سان) ڇا چيو؟

خوشيرام- ڪجهه نه، ابا! هاڻي اُٿ اُٿي هٿ وجهاءِ
(ٻئي ٻڙائي ٿو اڏو آهستي اُٿي صوفا
وٺائي ٿو پوءِ ڇڏي ٿو ڏئي. خوشيرام
کي ڌڪ ٿو لڳي. رڙيون ٿو ڪري)
بيوقوف گهٽ ۾ گهٽ ٻيءَ جوڻ تائين نه
ترس. هيٺ اُٿي پيو ٿو پير ڀڄين.

اڏو- سائين مون سعيو ڪري ٿوروئي ڀڳو.

خوشيرام- نه! مون ائين ٿي ڀانيو پير ڀانئيهي صوفا
جي هيٺان ڏنو. ڏني ... او ڏني....

ڏني- (ايندي) وري ڇا ٿيو. اوهان نه ساڙهي
ٻڍڙ ۾ ڪوله ٽا ڏيو.

پوءِ يڪدم ڇڏي ويهي ٿو رهي) ورڻ
ڇا ٿيندو؟ جوان جماڻ اٿري ۾ ٿڪجي پئين

اُڌو- ٿڪجي ڪونه پيو آهيان. پر سائين Go Slow
اسٽرائيڪ تي آهيان.

خوشيرام- ان ڪسي هفتو ٿيو. اڇا تنهنجي هڙتال
پوري ڪونه ٿي آهي ڇا؟

اُڌو- جيسيتائين منهنجون سڀ گهرجون پوريون
نه ٿيون آهن. تيسيتائين لڙندو رهندس

خوشيرام- اهي گهرون هن جنم ۾ نه پوريون ن
ٿينديون.

اُڌو- نه ٻئي جنم ۾ وري اهي ئي گهرو
ڪندس.

خوشيرام- ٻيو جنم ڪنهن ڏٺو آهي. هيءُ جنم ڇو
اڪيار ٿو ڪرين. اَبا....

اُڌو- مان انصاف جي راهه ۾ قربان ٿي ويندس
ڀلي سؤ جنم وٺڻا پون. گهرون مڃائي
رهندس.

خوشيرام- ڪهڙي جوتشيءَ ٻڌايو اٿئي ته هر جنم
تنهنجي مون سان ئي ملاقات ٿيندي؟

اُڌو- اهو نه شاسترن ۾ ئي لکيل آهي سائين
نه جي هڪ جنم ۾ ڪي اڌوريون
خوشيون....

ر – نه پوءِ جيڪو هيءُ پٺيان پوسٽر لڳل آهي....

ي – ڪو هڪ پوسٽر لڳل اٿيئي؟ ڪنهنجي پٺي نه. جڙ ميونسپالٽيءَ جي پٽ پيئي لڳي....

ر – جنهن تي لکيل آهي- "نوٽيس واپس وٺو." اهو ڦاڙي ڦٽي ڪريو.

ي – ۽ هنن پڻ پوسٽرن جو ڇا ٿيندو؟

ر – جيئن جيئن گهرون پوريون ٿينديون وينديون تيئن تيئن اهي لهندا ويندا.

ي – نه جلد ڪر ماريا- پنهن جي ساٿيهون عزت لهرائيندين. (سڀ پوسٽر ڦاڙي ٿي) هاڻي لاه اهي ڦٽيون ۽ تختا (باقي ٽوپي رهجي ويئي، جنهن تي "خوشيرام مرده آباد" لکيل آهي.)

ي – مڇيا- مڇيا سڀ شرط- هاڻي هل اندر- هلي ڪم ڪر....

شيرام– توهان سڀ ماڻي منهنجو ڏيوالو ڪڍڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهيو.

ي – هاڻي چپ ڪريو نه. (اُڏي ڪي) اها ٽوپي لاه - مٺا....

ر – اها نه هاڻي هميشه ديونيفارم جو حصو رهندي....

ي – ڇا جي لاءِ؟

خوشيرام- سڀئي ڀينرن لاڏلي کي! ڏمڪيون ڏئي
جنم جون پيو ڏئي ۽ پير هڻ جوڻ ۾...

ڏئي- هاڻ ٻند ٻه ڪريو ز ناٹا رڳڙا - هنن جي
اچڻ جو وقت اچي پهتو آهي.

خوشيرام- اهو ئي ته ڪم ڪرڻ پيو پئي هي ۽ سڀاڻو
ٻه ڦڙلي ڏيکاري ته.

اڏو- مان ته Go Slow اسٽرائيڪ تي آهيان. ان
کان وڌيڪ ٽڙو ڪم ڪو نه ٿيندو.

ڏئي- ماريا آهن ٿون ٻه عقل جو دشمن. ڪڏهن
ماري ڪٿي شرط مڃائيا آهن.

خوشيرام- ٿو ئي متي تي چاڙهيو اٿس نه ته هي ۽
معمولي نوڪر....

اڏو- ڏسو ڏسو مان معمولي نوڪر نه آهيان.

خوشيرام- نه نه ٿون ته Special نوڪر آهين. اَپ مان
ڪرڻو آهين.

ڏئي- هاڻي توهان ئي ڪٿي مڙو. ڪجهه شرط ڪٿي
مڃوس. ٿون ٻه ماريا ڇڏ. ٻڌاءِ ڪهڙا
شرط آهن.

اڏو- سڀ کان پهرين نوڪري ختم ڪرڻ جو
نوٽيس واپس وٺو.

ڏئي- چڱو - ور ٿو ٻيو ڇا آهي!

ڪاش- نه ڇا ٿي پيو- نوڪرن جا اهي نخرا نه
سهڻا پوندا- هاڻي اٿو.... اٿو نه.

ـي- هاڻي اٿو به.... هيڏو سارو پٽ ٿو ڇنڊيو.
هو ڄاڻ آيا. انٽرويو نه اوهان کي وٺڻي
آهي. صبح کان وٺي پيا تياري ڪيو....

شيرام- (ٽڙيءَ سان اٿندي) انٽرويو جي نه ڳالهه
اٿي وسري وئي آهي. نه تون الئي بيٺي
ڇا پيئي ڪرين؟ الهن ڪپڙن ۾ هنن جي
سامهون ايندينءَ؟ (پرڪاش کي) تون به
هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا بدلائي وٺ....
جلدي ڪريو.

ڪاش- ٺيڪ آهي. (رڪجي) پر ڳالهه ڇا آهي؟

ـي- (کلندي) هيڏو سارو ڏکيو اچي ٿيو آهين.

ڪاش- ٺيڪ آهي.. ٺيڪ آهي. سمجهي ويس-
ضرور اها ڪا سنڌيءَ ۾ ڳار هوندي.

و- سائين مان مطلب سمجهايان؟

لـي- تون پنهنجو ڪم ڪر. (اٿو منهن ڦلائي
پنهنجو ڪم ڪري ٿو)

ڪاش- !!! Suspense !! mystery ! All right

وشيرام- ڪائي خاص ڳالهه ڪانهي. بصر سنگهه فون
ڪيو ته ڪا پارٽي آهي.

ڪاش- پارٽي! ونڊر فل- ڪهڙي هوٽل ۾؟

أڏو- اوهان کي هميشھ ياد ڏيارڻ لاءِ تہ مان
وري بہ اسٽرائيڪ ڪري سگهان ٿو....

ڏني- هان مٺا.... هاڻي بند ڪر اها بڪ بڪ
(ٽوپي لاهي ڦٽي ٿي ڪري ۽ أڏو ڏٺي
ڪيسي ۾ وجهي ٿو ۽ جلدي جلدي چنبڙ
ڦوڪ وغيره ڪري ٿو.)
(خوشيرام ساڻو ٿي صوفا تي ليٽي پوي
ٿو - ٻاهران پرڪاش اچي ٿو)

پرڪاش- ڇو ڏاڏي! What happened؟- ممي! ڏاڏي
کي ڇا ٿيو آهي؟ هي تہ ذري گهٽ
بيهوش آهي.
(اندر ڊوڙي پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي ٿو
۽ مٿان وجهڻ لڳي آهي.)

ڏني- اهو ڇا ٿو ڪرين؟ سڄو صوفا آلو ڪندين

پرڪاش- پر ممي! ڏاڏي هيئن....

ڏني- هيءُ ٻهراڙيون ڏفعو تہ ڪونهي - مٺي اولڊي
سڀ شرط مڃايا اٿس، انڪري ٿورو سست
ٿي ويو آهي.

پرڪاش- او ڏاڏي! انهن خسيس ڳالهين تي ڏ
هاري وهندا تہ ڪم ڪيئن هلندو؟

خوشيرام- هن کي خسيس ڳالهہ ٿو چوين؟ سڄو سا
50/- روپيہ خرچ وڃي ويو.

ـي- (شمع سان گڏ ٻاهران ايندي) ديوان خوشيرام.....!

و- ها ها اچو سائين! اچا هينئر ٻاهر ويا آهن.

ـي- ويا آهن- پر اسان جي ته اڄ شام جي اپائنٽمينٽ هئي.

و- هئي- سائين برابر هئي- اهائي هئي.

ـي- ڪير هئي؟

و- (منجهندي) جنهن لاءِ اوهان چيو.

ـي- مون چيو؟

ع- اوه اپائنٽمينٽ ٻڌي (اُڏي کي ڏسي) Half educated

ـي- اوه- اچا اچا- ڪيڏانهن ويا آهن؟

و- اندر ويا آهن سائين.

ـي- اندر ڇو ويا آهن؟

و- ڪپڙا پائڻ ويا آهن سائين.

ـي- (ڇرڪ ڀري) What! ته هن وقت تائين هو ڪپڙن کانسواءِ! Oh, No! هي ڪٿي اچي ڦاٿا آهيون.

ع- Change ڪرڻ ويا هوندا، Daddy! (اُڏي کي ڏسي) Half educated

ـي- Oh! رائيٽ Change ڪرڻ ويا هوندا (کلي ٿو- شمع ڪمري کي ڏسي ٿي)

Vow ! Vow!! will get ready in a Cabaret
(اندر اچندو وڃڻ جي ڪري ٿو) dance.

ڏاڍي - شل نه پارٽيءَ جو نالو ٻڌي ....

خوشيرام - ڪاٺڻ واري پارٽي نه آهي. ابا - ڪوئي ڏاڍي پنهنجي ڏيءَ لاءِ سنگ پيو ڳولهي.

پرڪاش - سنگ ! Now What is that اسان وٽ آهي؟

خوشيرام - پنجاه دفعا چيو ٿي مانءَ ته سنڌي نه اچي ته نه ڳالهائيندو ڪر.

اَڌو - الله ديوان سنگ نه، سڱ - سڱ ! سڱ، ٿيندا آهن انسان جا.

ڏاڍي - (ٻڌو ٿيندي) هيءُ مارڻو پيو سنڌيءَ جو اُستاد ....

اَڌو - (رسي) مالڪڻ جملو ته پورو ڪرڻ ڏيو ها.

خوشيرام - چڱو هاڻي هلي ڪم ڪر. پوءِ ويهي سنڌيءَ جا ڪلاس وٺجانءِ (پرڪاش کي) هاڻي هلي ڪپڙا بدلاءِ .... ڇيڪرو ٻڻجي نه اچجانءِ.

ڏاڍي - توهان به هلي سنان ڪريو. (پنهي کي وٺي اندر وڃي ٿي. اَڌو سامان ٺاهي پيو رکي)

(گهنٽي وڄي ٿي - ٻاهر وڃي در کولي ٿو.)

مع- ٺنڊي پاڻي- (اُٿي کسي) ٺيڪ آهي توهانجي ضرورت ٿي ته اسان Telegram ڪنداسين ....

و- ٺيڪ آهي، مئڊم- ٽيليگرام جا پئسا ڀلي منهنجي پگھار مان ڪاٽجو ....

ٽي- چڱو هاڻي اُميد ته توهانجا مالڪ ڪپڙا پائي بيٺا هوندا.

و- توهان وهو- مان وڃي ٿو جلدي ڪپڙا پارايان (وڃي ٿو)

مع- Standard of Living (لڪ سڪوڙيندي) ڪج ....

ٽي- توهان سڀني جو سٽينڊرڊ ۽ پنهنجي سٽينڊرڊ سان ڇو ٿا ڀيٽيو؟ ڏسڻ آهي ڇوڪري کي- شڪل شبيهه جو سٺو آهي Qualified آهي. وڏي ڳالهه ذري گھٽ بيروزگار آهي....

مع- بيروزگار ڇو؟

ٽي- سمجھائي ته چڪو آهيان- بيروزگار هوندو ته جلدئي اسان سان گڏ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويندو ۽ مان چاهيان ٿو ته شاديءَ کانپوءِ به توهان مون سان گڏ رهين ....

وشيرام- (اندران ايندي) معاف ڪجو- اُميد ته گھڻي دير ڪونه ٿي هوندي ....

ٽي- (واچ ڏسي) دير ته خير ڇڱي ٿي آهي....

اُڏو- توهان ڪٿان پيا اچو سائين؟ وهو لـ...
(صوفا چنبڙي ٿو)

راڻي- لنڊن مان ....

اُڏو- لنڊن يعني ولايت (پنهنجي منهن) ڀلي
اونڌا! جي ديوان صاحب خوش هوندا
ته تنهنجا سڀئي ڪارج ٿيا سوندا. (وڏي
ٽنگ کي پڪڙي ٿو)

راڻي- (ڇرڪ ڀري) اڙي اڙي اهو ڇاڄتو ڪرين؟
(شمع به ڏانهس وڌي اچي ٿي)

اُڏو- سائين توهان جي ٽنگن کي زور ٿو ڏيان.
ٿڪجي پيا هوندا. لنڊن کان پيا اچو.

راڻي- پنڌ ڪونه پيا ٿا اچون .... اندر وڃي ٻڌائين
ته اسين آيا آهيون ....

اُڏو- اڃا مالڪڻ رڙ ڪونه ڪئي آهي، معنيٰ اڃا
ڪپڙا ڪونه پاتا هوندائون (ترسي) سائين
جي مان به توهان سان ولايت هلان ته ....
توهانجي خوب شيوا ڪندس ....

شمع- اُني نوڪر ڪونه ٿيندا آهن- هرڪو پنهنجو
ڪم پاڻ ڪندو آهي ....

اُڏو- اِئين ڪيئن هوندو؟ جتي مالڪ آهن اُتي
نوڪر نه هوندا ٿي ....

راڻي- هڪ دفعو سمجهايو مانءِ ....

۽ .... باقي وچي مالڪڻ ڪان پڇ (اُڌو پڻ
پڻ ڪندو وڃيٿو) ٿورو ڏُهٽ ٻڌندو آهي
توهان دهليءَ ۾ رهندا آهيو نه؟

ٽي - مان لنڊن ۾ رهندو آهيان ....

وشيرام - لنڊن ۾ رهندا آهيو ....

ٽي - لنڊن - لنڊن .

وشيرام - توهان سائين پنهنجو نالو ڪونه ٻڌايو؟

ٽي - اهوئي ته ٻڌائي رهيو هوس - نالو راٽي....

وشيرام - (شمع ڏي نهاري) راٽي .... واه سٺو نالو
آهي. جهڙي سونهن اهڙو نالو... ۽ سائين
اوهان جو نالو؟

ٽي - (زور سان) اهو منهنجو نالو آهي ...

وشيرام - مون سمجهيو ڪونه .... اوهان راٽي چيو....

ٽي - اصل آڪهه هنگو راٽي آهي - انگلنڊ وڃي
ڪي صرف هنگو رهجي ويا ته ڪي
راٽي .... هنجو نالو شمع آهي ....

وشيرام - Naturally Naturally .... چڱوئي جمع ڪيو
هوندؤ.... ٻاهر وڃڻ مان اهي ئي ته فائدا
آهن ۽ ڪڪي تنهنجو نالو؟....

مع - منهنجو نالوئي شمع آهي ....

وشيرام - شمع! واه! اهو به سٺو نالو آهي. اڄ ڪلهه
سنڌين ۾ به اهڙا نالا رکن پيا.

خوشيرام- مون به ائين ٿي سمجهيو ته خاص ڏيڍ کو
ٿي هوندي .... اسان اڃا هيڏڙ هيڏڙ ....

راڻي- هان راڻي ....

خوشيرام- پاڻي! توهان اڃا پاڻي کو نه پيتو آهي؟
ڪمال آهي .... اوندا .... هي اڄ
ڪاهه جا نوڪر ....

اُڌو- (ڀڄندو اچيتو) جيءُ سائين ....

خوشيرام- توکان پاڻي گهريو اٿائون ....

اُڌو- ڪنهن پاڻي گهريو سائين ... ؟

خوشيرام- سائينجن! ۽ اِهو عقل کو نه اٿئي ته ٻاهران
ڪير اچي ته ڪيس اُڃ هجي نه هجي پاڻي
زوريءَ پيارجي ....

راڻي- دراصل چوڪ اسانجي هئي سائين .... مان
پنهنجو نالو ....

خوشيرام- برابر سائين- شل نه نوڪرن سان پالو پوي
اوهان وهو (اُڌي کي) هاڻي بيٺو ڇا
آهين؟ ڪجهه ٿڌي گرم جو بندوبست
ڪري وٺ ....

اُڌو- (منجهندي) سائين يا ٿڌو ٿيندو يا گرم
ٻئي گڏ گڏ ....

خوشيرام- اڙ اڙ! نه ٻابا هي ڪي پنجن سالن
ڪڪڙا آهن جو اڙ اڙ پيئندا. هاڻي و

ٽي- اڄو ڀوء اچي ٿو، گـڏ جي چانهه ٿا پيئون
(پرڪاش اچي ملي ٿو- شمع سان Hi
ڪري) (اُٿو اندر وڃيٿو)

اٽي- (پرڪاش کي) اوهان انجنيري پاس
ڪئي نه؟

ڪاش- ها- پلاني ءِ مان ....

اٽي- نوڪري وغيره؟

ڪاش- في الحال ٻئي دفتر ۾ Casual Basis تي
لڳو آهيان ....

لي- هي ءِ نوڪري به ڏاڍي سفارش سان ملي
آهي- منهنجي نظان جي پانڊنٽي جي
پاچاڻي ءِ جو پاٽيجو ...

وشيرام- ماٺهين جو ان ۾ ڪهڙو واسطو؟ ان کي
سرڳواس ٿئي ٿو ....

اٽي- ان ڪري لنڊن ۾ ان ڳالهه جي موج آهي.
هاٽي شمع جو ئي مثال ....

وشيرام- ڪسان! ڪسان جي سائين ڪهڙي ڳالهه
ڪجي- اڄ ڪالهه سرڪار ....

ني- اوهان لنڊن مان آيا آهيو؟

اٽي- جي بلڪل- مان ته اڄ کان ٢٥ سال اڳي
هندستان ڇڏي لنڊن ۾ ئي Settle ڪيو
آهي. (پرڪاش کي) اوهان به ڪٿي

(اُڏو- ٽري ۾ پاڻي ۽ بسڪوٽ کڻي اچيٿو)

خوشيرام- اڇا تنهنجي مالڪڻ ڇا ويٺي ڪري- پئي ....؟

اُڏو- سائين - چانهه ويٺي ڪاڙهي ....

خوشيرام- باهه ويٺي ٻاري؟ ته تون ڇا ويٺو ڪرين؟

اُڏو- ننڍي ديوان کي ڪپڙا پئي پارايا .... هاڻي چانهه کڻي ٿو اچان (وڃيٿو)

خوشيرام- مون ڇا چيو؟ اصل صفا ٻوڙو آهي .... مون هڪ ڳالهه پڇي ته جواب ٻيو ڏنائين .... ڪکي تون ڇا پڙهيل آهين؟

شمع- جي اسڪول Exam: پاس ڪيو آهي ....

خوشيرام- اسڪول! پر تنهنجي عمر ته ٢٢ سال واه جي ٿيندي- هتي انڊيا ۾ ته ....

راڻي- اُلي پڙهائيءَ جو طريقو ....

خوشيرام- ڪڙهائي- اڇا اڇا .... چئبو هاڻي لنڊن ڪڙهائي سيکاريندا آهن. (ڏني اچي ٿي

ڏني- معاف ڪجو- ڪجهه دير لڳي (پٺيان اُڏ ٽري ۾ چانهه وغيره کڻي اچي ٿو.)

راڻي- ڪائي ڳالهه ڪانهي. مسٽر خوشيرام ڪاف وندرائي وينا هئا .... مسٽر پرڪاش ....؟

ڏني- اچي پيو- اوهان چانهه کڻو نه .... بسڪو اوهان کاڌو ئي ڪونهي ....

....ته پوءِ ڳالهه پکي.

شيرام- تنهنجو پنهنجو ٻار آهي. پر اڃا پوريءَ
طرح Settle ڪونه ٿيو آهي.

ـي - انجو فڪر ڇاٽي تون ڇڏي ڏي يار. اهو
منهنجو ذمو. مان هنڪي پاڻ سان لنڊن
وٺي ويندس.

شيرام- تون ڄاڻ تنهنجو ڪم.

ـي - ۽ اسان هتي اڪيلا ڪيئن رهنداسين؟
هڪڙو ئي ٻار آهي سو به اکين کان پري
ڪري ڇڏيون.

ـي - اوهان ٻئي به اچي انگلنڊ وسائجو. اصل
پئسو ئي پئسو آهي. ٿورو عقل سو هجي.

ـي - (خوشيرام ڏانهن نهاري) ۽ ڪنهن ۾ عقل
نه هجي ته؟

شيرام- بس عقل ئي سڄي دنيا ۾ رکيو ٿو وڃ اچي
ڪٿو ٿيو آهي.

ـي - توهان جي لاءِ ڪنهن چيو؟ ٻليءَ کي خواب
۾ ڇيڇڙا.

ـي - (خوشيرام کي) رهڻ ڏيو سائين! هاڻي....
پاڻ ۾ وڙهڻ ڪهڙو؟

شيرام- برابر سائين! هاڻي پاڻ ۾ وڙهڻ ڪهڙو؟
هنن جوانن کي به هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ

ٻاهر ڇو نه ٿا نوڪريءَ جي ڪوشش ڪريو؟

پرڪاش - (ڪلندي مٺاڻ ڏانهن نهاري) منهنجي ڪوشش ڪرڻ سان ڇا ٿيندو؟

ڏني - پنهنجو گهر پنهنجو آهي .... ٻاهرئين ملڪ ۾ اها عزت ٿوروئي آهي ....

راڻي - توهان ٻه نه نوڪري ڪندا آهيو نه، سائين؟

خوشيرام - ڇوڪري! موٽڪي ڪٿي آهي، سائين؟ هڪ ئي سڪيلڌو پٽ آهي.

ڏني - نوڪري ٿا پڇو؟

خوشيرام - اڇا! مان سائين AGCR ۾ هوس. هاڻي مسٽريءَ ۾!

راڻي - مان به AGCR ۾ هوس جو پوءِ لنڊن هليو ويس.

خوشيرام - Really ڪهڙي سيڪشن ۾....؟

راڻي - OAD ....

خوشيرام - OAD ۾ ته مان به هوس. تڏهن توهان مسٽر .... هوندراج ....!

راڻي - توهان ڪي. ايچ. ٽيڪچنداڻي ....!

خوشيرام - اڙي .... پوءِ ته هڪ ٻئي جا پراڻا يار نڪري پيا سين. پر تون نه جرمنيءَ ويل هئين؟

راڻي - بس قسمت نيٺ وچي انگلنڊ پهچايو

ٿا. ڪجھ وقت پرڪاش ۽ شمع خاموش-
شمع ڪرسيءَ جي ڳرٽيءَ سان راند وغيره
ڪري ٿي. پرڪاش گلو صاف ڪندي-)

ڪاش - Excuse me! I think ....

مع - مونکي سنڌي به ايندي آهي.

ڪاش - (عجب ۾) Really! ونڊرفل - برو نه مڃجو.
پر انگلنڊ ۾ رهي به ايتري سٺي سنڌي
توهان ڪيئن ٿا ڳالهائي سگهو؟

مع - سڀي نه اتي چڱي سگهجي.

ڪاش - اهڙي سٺي سنڌي هتي هندستان ۾
سنڌين جا ٻار به ڪونه ڳالهائي سگهندا.
خود مونکي، پنهنجيءَ سنڌيءَ لئي ڪڏهن
ڪڏهن شرم ايندو آهي.

مع - در اصل ڊئڊيءَ کي سنڌيءَ سان ڏاڍو
پيار آهي. گهر ۾ انهن ئي سيکاريو آهي.
گهر ۾ اسان سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندا
آهن. (ڪجھ وقت وري خاموشي)

ڪاش - پاڻي پيئو نه ....

مع - جي - هينئر اڃا چانهه پيتي ....

ڪاش - اوه! ته پوءِ چانهه کڻو نه - (ڪيٽليءَ مان
چانهه اوتي ٿو پر چانهه آهي ڪانه. ٻئي
کلن ٿا.)

ڏيو - اچو تہ اسين اندرئين ڪمري ۾
هلي ويهون.

ڏاني - مان صاف صاف ٻڌائي ٿي ڇڏيان. مان
پنهنجي پٽ کي ولايت وڃڻ ڪون
ڏينديس. ٻار ٻہ اڪيلا ٻيا ٻيڙي وٺي
جهانجهہ وڃائيندا سين؟

خوشيرام - ٻر مسٽر راڻي چوي ٿو تہ اسان ٻہ انگلنڊ
۾ وڃي رهي سگهون ٿا.

ڏاني - اوهان کي پيريءَ ۾ پٽو پوي ڪونہ ٿو -
هن عمر ۾ ديس ڇڏي پرديس وسائيندا سين؟

راڻي - اڄ ڪالهہ ديس پرديس ڪهڙا آهن - ٻاڀي
سڄي دنيا ڳنڍي پيئي آهي. انگلنڊ
هاڻي ڄڻ پنهنجو ملڪ پيو لڳي.

ڏاني - جي ائين هجي تہ ماڻهو ولايت مان هندستان
اچي پنهنجا رشتا ڪونہ ڳولهين. اُلٽو
انگريزن سان رشتيداري ڇو نٿا ڪن؟

خوشيرام - هي ڇئين چا ٿي؟ ڪجهہ پٽو پوئي ٿو؟

ڏاني - ڪنهن وقت ان ڳالهہ جو جواب ڪونهي
(گلو پرڇي اچيس ٿو - اندر وڃي ٿي)

خوشيرام - اچو سائين! آهستي آهستي سڀ ٺيڪ ٿي
ويندو. ٿورو گهٻرائجي وئي آهي.
(مسٽر خوشيرام - راڻي ۽ ڏلي اندر وڃ

خلاف آهيو.

ع - ڪنهن چيو؟

ڪاش - توهان جي ڳالهائڻ مان.... ائين لڳو....

مع - مون نه، پاڻ چيو نه. پنهنجي خوشيءَ ۽ واڌاري لاءِ انسان ديس ڇڏي پرديس....

ڪاش - (خوش ٿي) ته پوءِ ٺيڪ ٿيو ته شاديءَ کان پوءِ هتي هندوستان ۾ ئي رهنداسين.

مع - مون ائين نه ڪڏهن چيو

ڪاش - (ڇرڪ ڀريندي بسڪوٽ ڪري پوندس ٿو) جي... مون سمجهيو ڪونه.

مع - اوهان انجنيئرنگ جي ڊگري ڪٺي آهي نه؟

ڪاش - ڇو Degree Certificate ڏيکاريانو؟

مع - ضرورت ڪونهي. صرف هندوستان ۾ ئي Attested Copy سان Original گهرائيندا آهن. (اٿندي)

ڪاش - (پيرن سان آهستي بسڪوٽ ڪسڪائي ٿو. ائين ڪندي هيٺ ٿيندو ٿو وڃي. بسڪوٽ پاڻ ڀري ٿيندو ٿو وڃي. پرڪاش هيٺ ٿيندي ٿيندي سينٽر ٽيبل جي هيٺان ٿي ٿو وڃي)

شمع - اوهان پنهنجي گهٽي پگهار ٻڌائي؟ (ڪو به جواب ڪونه - مڙندي پرڪاش کي هيٺان

پرڪاش- منهنجي ممي جا وچار ته توهان ٻڌا.

شمع- I beg your pardon...

پرڪاش- اهوئي ته مان ولايت هاڻ جي خلاف
آهيان.

شمع- توهان ٻا توهانجي ممي.

پرڪاش- جي؟ اوه! مطلب ته ممي.

شمع- اوهان جا پنهنجا وچار ڇا آهن؟

پرڪاش- منهنجا پنهنجا وچار ڇا ٿي سگهندا؟
ڏسو نه.... مان ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو پٽ
آهيان.

شمع- اڄ تائين ماءُ پيءُ جو اڪيلڌو پٽ ڪو نه
ٻڌو آهي.

پرڪاش- جي - منهنجو مطلب.... اڪيلو ٻار هجڻ
ڪري.... ممي ڪي هتي ڇڏي.... مان....
اڪيلو.... (پليٽ کڻندي) توهان بسڪوٽ
کڻو نه؟

شمع- (شمع بسڪوٽ کڻي کائيندي) پنهنجي
Future لاءِ انسان ديس ڇڏي پرديس
گهمندو آهي. اوهان ته وري ٻه هتان ڪار
وڌيڪ سڌ رهل ۽ سکئي ستابي ماڪ
هلي رهيا آهيو. (ڪجھ وقت خاموشي

پرڪاش- اوهان ته شايد هندوستان ۾ رهڻ جي

مع - انهن مان ڪو شايد Minimum std: به Maintain
نه ڪري سگهجي.

ڪاش - standard جو definition به ڪو وقت ۽ ملڪ
موجب ڦري پيو.

مع - انڪري ئي منهنجي ڊيڊيءَ جي ويچار
موجب اوهانکي انگلنڊ هلي رهڻ گهرجي.

ڪاش - ممي‌ءَ جا ويچار ته اوهان ٻڌي چڪا آهيو.

مع - اوهان جا Independent ويچار به ته آهن.
سوچيو.... اُتي ۽ هتي جي پگهارن ۽
حالتن ۾ ڪيترو نه فرق آهي.

ڪاش - پر انگلنڊ ۾ پنهنجا به ته انجنيئر آهن.
پوءِ مونکي ئي ڇو انجنيئر ڪري رکندا؟

مع - هرو ڀرو انجنيئر ئي ڇو؟ اتي dingnity of
labour کــي وڏي Importance ڏنــي
ويندي آهي. هر نوڪريءَ ۾ پئسو جام

ڪاش - هندوستان ۾ به انجنيئر ڪين.

مع - (ٽوڪ سان) تڏهن ته qualified انجنيئرن
کي 10.30 روپيه روز تي ٻيا رکن.

(پرڪاش چوٽ کائيندي ڪجھ چوڻ چاهي
ٿو جو شمع پيار سان ڏسندي ميناج مان-)

مع - Please سڄو وقت رڳو ان رکي بحث ۾
ئـــي وڃائيندا. هڪ دفعو ولايت هلي

نڪرندو ڏسي ٿي. پرڪاش هڪو- بڪو
ٿي ڪيس بسڪوٽ ڏيڪاري ٿو - شمع
کلي ٿي.)

پرڪاش- (ٿيڪ سان وهندي) توهان ڪجهه پڇيو؟

شمع - ائين ٿي Academic بحث لاءِ ٿي پڇان.
feel نه ڪجو. اوهان کي هتي گهٽ پگهار
ڏيندا آهن؟

پرڪاش- حال في الحال ته OESU ۾ daily wages تي
لڳل آهيان. ڏه روپيا ٽيهه پئسا روز جا
ملندا آهن.... ڏسو نه.... هندوستان ۾
بي روزگاري....

شمع - do you realise ته ان پگهار مان اوهان
پنهنجو پاڻ اڪيلي کي به سنڀالي ڪون
سگهندا (پرڪاش شرمائجي هيٺ نهاري
ٿو) ان ۾ توهان جي ڪهڙي غلطي؟ اها
نه ديش لاءِ شرم جي ڳالهه آهي.

پرڪاش - پر مان سدائين ڏهين روپئي روز تي ڪ
ڪوله ڪندس.

شمع - وٽ ۾ وٽ هتي اوهان کي گهٽ پگهار ڪي
سگهندي؟

پرڪاش - It depends. -/2000 مهيني تائين به وچي
سگهجي ٿو.

لي - پهرين پرڪاش کان ته پڇو.

ٽي - بلاشڪ - اسان اڃا ٿي ڏينهن هتي آهيون.
ان وچ ۾ توهان شمع پلي هڪ ٻئي سان
ملو جلو - هڪ ٻئي جا ويچار ڄاڻڻ جي
ڪوشش ڪريو.

شيرام - Right اڄي پيو ۽ رهڻو ته - سائين هنن کي
هڪ ٻئي سان گڏ آهي.
(ٽهڪ کلن ٿا)

ٽي - هيءَ ٿي عمر اٿن. توکي ياد آهي AGCR
۾ شيلا سان توهان ....

شيرام - چپ ڪر ته يار، توهان ته اصل .... گهر ۾
گهمرو وڃهائڻ تي سنڌ رو ٻڌي بيٺو آهين.

لي - (خوشيرام کي) توهان ته چولدو هئين ته
ڏاڍو لچارو هئين.

ٽي - لچارو ته هئو ٿي يائي - پچاڙيءَ تائين هن
کي پتو ڪونه پيو ته ڪيس چاهڻ وارو به
ڪوئي هو.
(ٽهڪ زور سان کلن ٿا)

(Scene drop)

آزمائي نه ڏسو نه پئسي ۾ ڪيڏي نه طاقت
آهي.

پرڪاش- ڪنهن حد تائين تنهنجا ويچار صحيح آهن.
جيتوڻيڪ اصولن مان اهي ڳالهيون مڃڻ لاءِ
تيار نه آهيان.

شمع- توهان رڳو مونکي ٺي کارائيندا رهيا آهيو.
توهان به بسڪوٽ کڻو نه. (بسڪوٽ کڻي
ٿي. پرڪاش سمجهي ٿو ته کارائي ٿي.
وات اڳيان وڌائي ٿو جو شمع بسڪوٽ
پري ڪري ٿي. ٻئي کلن ٿا. اندرا
خوشيرام - راڻي ۽ ڏني اچن ٿا.)

راڻي- تون ٺيڪ ٿو چوين، يار! اڪيلي پٽ کي
ايڏو پري موڪلڻ تي ماءُ جي دل ڪونه
ٿيندي.

خوشيرام- تون پاڻ سياڻو آهين.

راڻي- پر جي اوهان ٻئي انگلنڊ اچي رهو ته....

خوشيرام- پوءِ ته اعتراض ڇو ٿيندو.

ڏني- مونکي ڪونهي ولايت هلڻو. پنهنجا ٻچا
ڇڏي هلي ڌارين جي ديس ۾ رهون...

راڻي- اسان ته توهان لاءِ ڌاريا نه آهيون. الي
جي سک آرام چئن جي زندگي.... ڇڏ
سرڳ لڳو پيو آهي.

مڃان ها تہ....

مع - So Simple تہ مان هت رهڻ لاءِ تيار بہ
ٿي وڃان ها.....

ڪاش - Really, I am so happy (گنڀير ٿيندي)
ڏس نہ شمع، ڪٿان جا بہ پراڻي
اچي ٿا هڪ ٻئي سان ملن؟ پوءِ جڻ هڪ
ازغيبي ڏور....

مع - اهڙي my goodness مشڪل سنڌي
ڳالهائيندي تہ....

ڪاش - موڪلي خبر نہ آهي شمع! تہ تنهنجا
منهنجي باري ۾ ويچار ڪهڙا آهن پر
منهنجو Love at first sight جو ڪيس آهي
I Love you! Shama (ٽرسي) تون بہ
چئو نہ؟

مع - مان ڇا چوندس (شرمائجي ٿي) مان تہ
توکي ڏسڻ شرط ئي decision وٺي چڪي
هئس.

ڪاش - Am I so lucky!!... Is it true!

مع - (شرارت) مون فيصلو ڪيو هو تہ توسان
شادي ڪندس.

ڪاش - What ؟

مع - ڏس نہ. تنهنجي ۽ منهنجي Background

Act II   Scene II

(بتيون ٻرڻ سان پرڪاش ۽ شمع هٿ
۾ ڏيئي اچن ٿا. صوفا تي ويهندي)

پرڪاش - Oh, damn tired .... پر مزو آيو .... نه؟

شمع - It was marvellous ٽن ڏينهن ۾ توهان سان گڏ دهليءَ جو روپ ڏٺو آهي، لنڊن کي ماري مات ڪري ڇڏيو.

پرڪاش - Really نه پوءِ شاديءَ کان پوءِ اسان هتي ئي رهنداسين.

شمع - مون ائين ڪڏهن چيو؟

پرڪاش - پر شمع - مونکي ته اڃا به شڪ آهي ته مونکي وڃڻ شرط اتي سٺي نوڪري ملندي.

شمع - انجو توهان فڪر نه ڪريو. Daddy سڀو بندوبست ڪري ويندو.

پرڪاش - پر ممي ڊئڊي ...؟

شمع - انهن کي ته ڊئڊي پهرين ئي مڃائي چڪو آهي.

پرڪاش - نه ڇٽبو نه سڀو بندوبست اڳيئي ڪيل آهي. خير منهنجي دل نه پهرين هئي. (ٿورو ترسي) پر سمجهه ۾ ولايت هلڻ لاءِ نه

وڃي ٿو)

(اندران خوشيرام، ڏني ۽ راڻي کلندا ٻاهر اچن ٿا)

راڻي - ته طئه ٿيو ته ٻن ڏينهن اندر هتي شمع ۽ پرڪاش جي شادي ڪرائجي. مان ۽ شمع واپس انگلنڊ وڃي پهرين پرڪاش، پوءِ اوهان ٻنهي جي ويزا جو بندوبست ڪنداسين. OK؟

خوشيرام - Absolutely right, Right! Right

ڏني - پر پهرين شمع ۽ پرڪاش کان ته پڇو. (راڻي شمع ڏي نهاري ٿو هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ٿي. نيڻيءَ نظر سان ڏسي ٿي. پرڪاش مسڪرائي ٿو)

راڻي - ڪائي ضرورت ڪونه ٿي ڏسڻ ۾ اچي. هنن جي ته منهن مان ئي صاف ظاهر آهي.

خوشيرام - right, right بلڪل right

ڏني - (پرڪاش کي) پر تون ولايت وڃڻ جي خلاف هئين؟

پرڪاش - هيئنر به آهيان. صرف آزمودي طور Experience basis تي وڃي ڏسڻ ٿو چاهيان مزو آيو ته واه نه ته واپس!

۾ ڪيترو نه فرق آهي.

پرڪاش- پر اهو نه ڪجهه ڏينهن گڏ رهڻ سان پاڻيهي دور ٿي ويندو.

شمع- تون وري به سوچ. مان سمجهان ٿي....

پرڪاش- مان سوچي ورتو آهي. شادي ڪندس نه توسان، نه نه سڄي عمر ڪنوارو ويٺو هوندس.

شمع- (تاڙي وڄائيندي) واه! واه! ڇا نه فلمي ڊائلاگ آهي.

پرڪاش- What ؟

شمع- (کلندي) گهبرائجي وئين نه ؟

پرڪاش- وري چرچي ۾ به اهڙي ڳالهه نه ڇيڙج. منهنجي دل ٽٽي پوندي.

شمع- (نڪ پڪڙيندي) you naughty....

(ٻئي کلن ٿا)

اندران اڌو اچي ٿو - ٻنهي کي ڏسي خوش ٿو ٿئي.

پرڪاش- (ڇرڪي) اڌارام! تون ڇا ٿي کلئين؟

اڌو- کلندس ڇو سائين؟ مان نه پاڻ خوش پيو ٿو ٿيان. مالڪ خوش نه نوڪر خوش

پرڪاش- ٺيڪ آهي. ٺيڪ آهي. پنهنجو ڪم ڪر.

اڌو- پنهنجو ئي ڪم پيو ڪريان، سائين. (اندر

ني- مان نه هلنديس تڏهن ته ڪون ويندين؟

وشيرام- اها ته ڪا ٻچڙن جي ڳالهه آهي؟ تنهنجو رستو الڳ.... منهنجو رستو الڳ.

ني- هاڻي رستا ته الڳ ٿي ويا. قيرن وقت نه اڳيءَ لي همت رکي ڇيو هوءِ.....

اڻي- برابر يار! هاڻي پنهنجو رستو الڳ لتو ڪري سگهين.

خوشيرام- تون انگلنڊ ۾ رهين ته ائين ٿو چوين.

اڻي- انگلنڊ ۾ رهجي يا ايران ۾. دل ته ديسي رهندي. ۽ ٻاپي وري کهڙو لوڪان سواءِ رهي سگهندي.

ني- جهڳڙا ڪري سڄي هندوستان ۾ بدنام ٿيو آهي. هاڻي ولايت ۾ مشهور ٿجو. مان ته ڪونه هلنديس.

خوشيرام- ڪونه هلندي! يعني پنهنجي پاسي گهاٽو الي مسواڙ ڏيان ۽ هتي مسواڙ وڃايان. اڪائونٽنٽ آهيان ڪو ليلي ڪونه آهيان جو اهو حساب نه رکندس.

راڻي- چڱو يار هاڻي رڳو حڪم ڪر. شاديءَ جو مهورت سياڻي ڪڍائجي نه....

خوشيرام- مالڪ آهين. سڀ بندوبست ٿوڪي ڪرڻو آهي. پاڻ نه جاچي ٻڌجي اچي ويهجو.

ڏاڏي- ماڻ نه وري به ٽي چوان ته ائين نه ڪريو.

راڻي- پاپا توهان هڪ دفعو انگلنڊ پهچي نه ڏسو. وري هندوستان واپس اچڻ جو نالو به نه وٺندا.

هوشيرام- right! right! پر سائين not absolute right نالو ڇو لڳائي ڇڏيو. هلڻو آهي ته اڳ پوءِ مڪان نيلام ڪري ڇڏيو. وري واپس ٿورو ئي اچڻو آهي.

ڏاڏي- ۽ جي واپس اچڻو پيو ته پوءِ مسواڙي مڪان ۾ ڌڪا کائيندا سين؟

هوشيرام- شٽ اپ .... واپس ڇو ايندا سين. پٽ ۽ نونهن سان گڏ رهي سک ماڻيندا سين.

پرڪاش- ممي، ماڻ شمع کي پنهنجو گهر ڏيکاريان؟

ڏاڏي- (چيڙائيندي) سڌو ڇو نٿو چوين ته اڪيلائي کپي. (پرڪاش ۽ شمع وڃن ٿا. هوشيرام نهاري ٿو.) ڇوڪرو شمع کي گهر ڏيکاريان.

هوشيرام- (کلندي) Welcome! Welcome! چون چون

ڏاڏي- اڃا لنڊن پهتا ڪونه آهيو ته هينئر کان گهر ۾ انگريزي شروع ڪئي اٿو.

هوشيرام- تون ته اصل ڪجهه سمجهين ڪونه ٿي.

ني - (ٻچو ڏيئي) هان ونء. ماڻيا اهڙيون ڳالهيون
سيٺي جي سامهون ڇٽيون آهن.

و- مون ته ٻهراڻي چيو ته سيٺي جي سامهون
ڪيئن ٻڌايان ته صوفا سيٽ ٻاڙي واري
گهر مان آڏارو ورتل هئو.

وشيرام- هائي بس به ڪندين ؟

ئي - (کلندي) اچـا ٻرائيون عادتون ڪونـه
ڇڏيون اٿئي.

مع - (کلندي) اوهان ٻـه ته ڏٺڊي ٻڌائيندا
آهيو ته ڪيئن رڳو ايرئل لڳائي ماڻهن کي
ڏيکاريندا هئا ته گهر ۾ ريڊيو آهي.

ئي - Oh! you naughty girl

و- ته سائين هت ٻـه اهوئي حال آهي.
(TV Aerial ڏيکاري) نڪو TV، نڪو فرج
رڳو ڏارون ئي ڏارون. (سڀ کلن ٿا)

لي - لک لعنت اٿئي مٿا.

(Sence drop)

راڻي- اهو فڪر ڇڏيو. شادي ڪرائي يڪدم
شمع مون سان گڏ.....

ڏني- اها چڱي ڳالهه ٿي. شاديءَ کان پوءِ ڪنوار
نه مڙس سان گڏ رهي نه ساهرن سان.

خوشيرام- ساهرن سان ڇو رهي!

ڏني- ساهرن سان ٿي چوان.

راڻي- ٿورن ڏينهن جي نه ڳالهه ٿيندي. پوءِ
پرڪاش ۽ اوهان به اچي انگلنڊ وسائجو
(اڏو ٻاهران ڊوڙندو اچي ٿو. اندران
پرڪاش ۽ شمع اچن ٿا)

اڏو- (خوشيرام کي) سائين، هڪ منٽ اٿو نه.

ڏني- مٺا لوکي وري ڇا ٿيو؟

اڏو- مالڪڻ، توهان نه پڇو پي. سائين هڪ منٽ
اٿو. (صوفا ڪڍندي) هن ۾ هٿ وجهايو.

خوشيرام- پر ڀائي، بلا به نه آخر ٿيو ڇا آهي؟

اڏو- سائين اهي ڳالهيون ڏارين جي اڳيان نه
ٻڌائڻيون آهن.

ڏني- پر هاڻي هي ڏاريا رهيا ڪٿي آهن؟

اڏو- ڏسو مالڪڻ، پوءِ وري نه چئجو....

راڻي- اڏارام، هاڻي بلا به ڪڍي. هاڻي ڏاريائي
ڪهڙي آهي؟

اڏو- سائين، پاڙيوارن واپس گهرايو آهي.

آهي ....

و- نه جواب ڇو اٿا ڏيو.... سائين ڊاڪٽر کي سڏ ڪريان؟

وشيرام- ڇو؟ سچ پچ طبيعت خراب ڪرائڻي اٿيئي؟

و- پر سائين ڊاڪٽر نه دوا ڏيئي خراب طبيعت ٺيڪ ڪندو.

وشيرام- گڏو گڏ ڀل ڏيئي چڱي ڀلي کي بيمار ڪندو. ابا ٿوکي ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ڪونه. پنهنجو ڪم ڪر. آهين ڇڙو ڇالٻ. هجڻي کي در ٿي ڳانءِ ۾ ڳابا بدل ....

و- اوهان نه ڳالهه کي هڪاري مڇهائي ڇڏيو. اڄ ڪالهه ڳانءِ ۾ ڳابا ڪير بدلدو سائين! بازار ۾ DMS- عذر ڊائري، ڪير جام...

وشيرام- هاڻي وڃ ابا. مطلب وڃي مالڪڻ کان پڇج. (اٿو وڃي ٿو. خوشيرام ٽنگ ڊولي ڪجهه وقت اندر ڪاغذن کي اٿلائي پٿلائي ٿو. اٿو پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي ٿو)

و- پاڻي پيئو سائين.

(خوشيرام بي خياليءَ ۾ پاڻي ڀري گلاس رکي ٿو. پوءِ اٿي کي پيئو ڏسي)

وشيرام- ٿوکي ڇا کپي؟

و- ڪجهه به نه سائين.

ڪٿي آيو خٿر سان

Act III

[وقت شام جا ساڍا 5 بجا - ڊرائنگ روم - پڙدو…
کلڻ تي اُڌو صوفا تي ويٺي سنڌي مخزن پڙ…
پڙهي. خوشيرام ٻاهران Brief Case هٿ ۾ ڪٽي اچي…
ٿو. اُڌو لڪڙ ۾ مخزن رکي اُٿي پاسيرو ٿي بيهي ٿو…
خوشيرام ڪجهه پريشان چپ چاپ صوفا تي ويهي ٿ…
رهي. ڪنن ۾ بيٽري مشين لڳل اٿس.]

اُڌو- (پنهنجي منهن) اڄ ديوان صاحب کي ڇ…
ٿيو آهي. اڪا رلي، اڪا ڪاروڙ… هون…
اچڻ شرط ڏاڙهيندو ايندو آهي. مونکي…
۾ ڏاڙهه. ڪاڻ جي عادت پنهجي وٺي آهي…
(ٺهاري وري سوچي پري سان وڃي ٿو…
ديوان صاحب! سک ته آهي نه سائين…
(خوشيرام ٺهاري ٿڌو ساهه کڻي چپ…
ديوان صاحب طبيعت ته ٺيڪ اٿو نه…
(ڪو جواب ڪونه) ٻڌو ڪونه ٿا ڇا؟

خوشيرام- ٻڌ لڌس ڇونه؟ اوهان سڀني مونکي ٻو…
سمجهي زور سان ڳالهائڻ جو شروع ڪ…

آڏو- وٺو سائين. (کلي ٿو)

خوشيرام- (وٺندي مٿي ڏسي) تون ڇو ٿو کلين؟

آڏو- ائين ئي.

خوشيرام- ائين ئي! چڱا ڀلا ماڻهو ته ائين ڪونه کلندا آهن.

آڏو- ڏسان ٿو اوهان مون وانگر حسابن ۾ ڪچا آهيو.

خوشيرام- توکي ڪيئن خبر پيئي؟

آڏو- مان به ائين پيسل ڦٽي ڪندو هوس.

خوشيرام- بيوقوف، مان ته گهر جي بجيٽ پيو ٺاهيان.

آڏو- واڌايون هجنوَ. سائين ڏاڍي خوشي ٿي.

خوشيرام- واڌايون! ڇا جون واڌايون؟

آڏو- سائين هاڻي ڪجهه نه ڪجهه ٺاهيو پيا نه. اڳي ته مون رڳو اوهانکي ڊاهيندو ڏٺو آهي.

خوشيرام- منهنجو ڏيوالو نڪري ويو آهي ۽ تون....

آڏو- اهو به سٺو ٿيو سائين.

خوشيرام- ڇا مطلب؟

آڏو- ڪجهه نه ڪجهه ڪشٽ نڪري پيو نه سائين، ڏيوالو نڪري وڃي ته ڀڙائي پار.

خوشيرام- هاڻي ٺـــر هڻان. بيوقوف، لک دفعا چيو اٿم ته سنڌي ڳالهائڻ نه اچيئي....

خوشيرام- ڪجھ به نه، ته پوءِ ڪڪ پڻ ٿي ابا ...
منهنجو پاڇو ٻڌجي ڇو ٻهي رهيو آهين؟
وڃي ڪم ڪر.

أڏو- ڪم پڇندو ٿي ڪون سائين.

خوشيرام- تنهنجي طبيعت به خراب آهي ڇا؟

أڏو- طبيعت ته ٺيڪ آهي پر دماغ منجهيل
آهي سائين.

خوشيرام- دماغ آهي يا ست جي رلڙي....

أڏو- توهان جيڪي ڳالهائيندا آهيو تنهنجو اڌ
ته سمجهه ۾ ئي ڪونه ايندو آهي.

خوشيرام- توکي ڪهڙو اڌ سمجهه ۾ ڪونه آيو؟

أڏو- گاٻن گاٻن وارو اڌ.... سائين.

خوشيرام- جيسيتائين تنهنجي شادي ٿئي تيسيتائين
سمجهه ۾ ڪونه ايندءِ. هاڻي وڃ ابا ـ
منهنجي جند ڇڏ. اهو اڌ منجهيل ٿي رهڻ
ڏي (أڏو منهن سڄائي ڪم ڪري ٿو)
(خوشيرام ٻڙڪ مان پنا - ٻـل ۽ ڊائري
ڪڍي پينسل سان حساب ڪري ٿو. پوءِ
ڪارن ۾ پينسل ڦڻي ڪري ٿو. أڏو پينسل
ڪٽي سندس ڀرسان اچي ڏئي ٿو جا هو
بي خياليءَ ۾ وٺي ڪري حساب ڪندي
اُڇلائي ٿو. وري أڏو ڪٽي ڏئيس ٿو)

خوشيرام- هيءَ کا Factory ڪانهي جو Probation
پورو ٿيندي ئي پگهار وڌندي.
اَڏو- ڪچ ته هجي - سائين پگهار نه وڌائيندي
ئي پوندو.
خوشيرام- منهنجو حساب اڳ ئي تنگ ڪنيو بيٺو
آهي. مٿان وري تون....
اَڏو- ته پوءِ لاچار....
خوشيرام- لاچار ڇا ڪندين؟ (خوش ٿي) نوڪري
ڇڏيندين نه؟
اَڏو- اهڙي پڪي نوڪري ڇڏي - ڪيڏانهن
ويندس، سائين!؟
خوشيرام- اچي وڃين نه سڄين رستي تي.... (اَڏو
ڏوهي "خوشيرام مرده آباد" واري ڪيدي
پائي ٿو.)
اَڏو- ٺيڪ آهي سائين - ته پوءِ منهنجي Strike
چالو.
خوشيرام- ڪيئن نه وري اهائي گوڙهادي - ان ڪري
چوندو آهيان - هاڻي هي ڪٽي وڃ ۽
مولڪي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي.
اَڏو- منهنجي باري ۾ ڇا فيصلو آهي؟
خوشيرام- هن وقت نه، وڌيڪ پئسا ڪونه ڏئي
سگهندس.

(أڏو وري منهن سڄائي ڪم ڪري ٿو. پوءِ ويجهو اچي خوشيرام شوخيءَ سان نهاري ٿو.)

أڏو- (پڇندي) چانهه پيئندا سائين؟

خوشيرام- (رڙ ڪري) نه - هاڻي ٽرندين؟

أڏو- اڄ پهرين تاريخ آهي سائين.

خوشيرام- سرڪاري نوڪريءَ واري کي اها ڳالهه ٻڌائڻ جي ضرورت آهي؟ اڙي بابا هُو ته ان تاريخ جو انتظار 15 کان وٺي ڪندو آهي.

أڏو- هڪ ڳالهه نه وسارجو.

خوشيرام- اڄوڪي ڏينهن ته سڀ ڳالهيون وسري وينديون آهن.

أڏو- اڄ وسرڻ ڪونه ڏيندس سائين - ٽي مهينا ٿي ويا آهن اوهانجي شيوا ڪندي.

خوشيرام- مفت ۾ ته ڪونه ڪئي اٿئي.

أڏو- پر سائين ٽن مهينن کان پوءِ ته پگهار وڌائڻي ٿي پوندو،

خوشيرام- ڪنهن ڊاڪٽر کان پڇي آيو آهين.

أڏو- اهو ته سائين rule آهي.... ٽن مهينن ٽائين.... هُو.... ٿيندو آهي. پوءِ نوڪري پڪي ٿيندي آهي ۽ پگهار به وڌندي آهي.

شيرام- (بيخيالو) پر ته گهٽائي ڏسي سگهان ٿو
پر هتي پئسن مٿي منجهائي....

ني- پئسا پئسا ڪري منجهيا آهيو- هيترو ته
ايشور ڏني.

وشيرام- ۽ خرچ جي ڳالهه نه ڪجانءِ.... اڇا هن
لاٽ صاحب جي شاديءَ جا بل ڏئي
پورا ڪري ڪيا آهن.

ني- چڱو چڱو- ڪهڙيون روز روز شاديون
ڪندو لوهان جو جيڪر وس پڄي ها ته
ڇوڪري کي لنگوٽ ۾ ۽ ڇوڪريءَ کي
Swim - Suit ۾ وٺڏيءَ تي وهاريو ها.

خوشيرام- اڇا ڇڏ ڇڏ....

ني- ۽ ڄاڃي ماريا پار هيئن پڄي گهر وڃي ٻاهه
ٻار ٻن ها....

خوشيرام- ڪمائين ته خبر پوئي (اوچتو نظر ويندي)
پائي واه! اڄ ته ڇاڪين پئي.

ني- مسين مسين اکيون کليون اٿو. هيترو وقت
ته چرط اندب ۾ پئي ڳالهايو.

خوشيرام- اهائي ته ڳالهه آهي من. جڏهن ڏينهن ٻگهار
ملندي آهي. منهون ٿي منجهي وينديون
آهن. جيتري ٻگهار گهٽي اوتري گهٽي
مونجهه.

اُتو- نيڪ آهي (ٽوپي ڪڍي پائي ٿو. پوء گلاس آهستي آهستي کڻي اندر وڃي ٿو. خوشيرام پنهنجو پينسل کڻي وري حساب ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جو ڌني ٻاهران اچي ٿي. فئشنيبل ساڙهي، وار سيٽ ڪرايل اندر اچي ٿي ٻنهي هٿن ۾ ٻه پئڪيٽ ٽيبل تي رکي ٿي. پوء پنهنجي ساڙهي ۽ وار ٺيڪ ڪندي)

ڌني- هيڏانهن توهان اچي ويا آهيو ڇا؟ (خوشيرام طرفان ڪوبه جواب نه آهي) اڇا ڪپڙا ڪونه بدلايا اٿو؟ (پرسان وٺي) ٻڌو ڪونه ٿا ڇا؟

خوشيرام- ٻڌان ڇو نٿو؟ تنهنجون رڙيون نه سڄي پاڙي کي ٻڌڻ ۾ آيون هونديون....

ڌني- نه جواب ڇو نٿا ڏيو.

خوشيرام- ڇا جواب ڏيان؟ اچي ويا آهيو ڇا؟ اچڻ کانسواء هتي ويٺو هوندس ڇا؟ ساڳيء طرح ٻيو سوال ....

ڌني- توبه، توهان سان ته اصل ڳالهائي ڦاسي ٿو وڃجي. (وار ٺاهيندي) وار ڏسو....

خوشيرام- وري ڪنهن جا وار ڏسان (بي خيالو)

ڌني- هن عمر ۾ اڃا ڪهڙا وار ڏسندؤ؟

تڪ ڪريا پيا هوندا آهيو.

شيرام- اڙي اها جوانيءَ جي نظر لڳندي هئي - هاڻي هن عمر ۾ ڇا....

(اُٿو ڇانهه کڻي آهستي آهستي اچيٿو)

ني- هن مارئي کي وري ڪهڙو جن لڳو آهي.

شيرام- توئي مٿي تي چاڙهيو اٿس - ڇوي تو نه وري پگهار وڌائي ڏيو.

لي- اڇا ماريا ۽ مهينا مس ٿيا آهن....

و- ٽي مهينا ٿي ويا آهن مالڪڻ.

ني- نه ڇا ٿي پيو؟ تنهنجي مالڪ جي پگهار سرڪار وڌائي هڪ دفعو؟ توکي سال ۾ چار دفعا وڌائي ڏيندا سين. گهڻي پگهار وڌائڻي اٿئي؟

و- اٺين نه جيتري گهڻي وڌايو اوترو سٺو.... پر گهٽ ۾ گهٽ ٽن مهينن ۾ 10 روپيه مهينو نه وڌايو ٿي وڌايو.

لي- ماريا - جيڪي ڳالهائين تو سو سمجهين نه تو - پتو اٿئي نه تنهنجي مالڪ جا سال ۾ گهڻا روپيه وڌندا آهن؟.... هيڏو وڏو آفيسر....

شيرام- هاڻي پلا مون کي وچ ۾ ڇو ٿي آڻين؟ هرو ڀرو بيعزتي....

ڏني- نه پوءِ مٿيءَ سرڪار کي لکي ڏيو نه ته
توهان کي پڳهار هر سال وڌائڻ بدران
گھٽائيندي وڃي. پوءِ وٺجي ٽاڙيون
وڃائجو.

خوشيرام- تون ڪوڙ سمجھندين؟ - هاڻي هيڏانهن
اچ. هيڏانهن اچي ويھه.

ڏني- نهيو نهيو. 29 ڏينهن وڙهو؛ هڪ ڏينهن
اچو پيار ياد....

خوشيرام- هاڻي ڇڏ به جهڳڙو- هيڏي بيڏي اچي
ٿي آهين.

ڏني- بيڏي ٿئي مٺھجي جتي. اچا هاڻي ته
پٽ پرڻايو اٿم.

خوشيرام- پٽ پرڻايو اٿئي. پاڻ کي نه ڪونه پرڻايو
اٿئي.

ڏني- هاڻي اجايو سجايو نه ڳالهائيندا ڪريو.
ڀڳوان اوهان کي وڏي حياتي ڏئي.

خوشيرام- (کلي) نه مان وري ڪهڙو توکي ٻئي ڪنهن
سان پرڻائڻ ڏيندس (ڏورا ڏيکاري) ڪنهن
کي تو ڏانهن اک کڻي نهارڻ جي همت
نه ٿئي.

ڏني- هاڻي تڪ ڦٽي ڪريو. جڏهن جڏهن
پنهنجي ساراهه ڪندا آهيو نه ٻئي ڏينهن

و- نيڪ آهي مالڪڻ ته اسانجي به اسٽرائيڪ
ختم ....
(ٽوپي لاهي ڦڙڪيءَ سان ڇانهه جا ڄارڻ
وغيره ڪڍڻ شروع ٿو ڪري)

ني - (کلندي) پر ماڙيا ـ ڪا جڳهه ڪٿي اٿئي؟
جوءِ کي رهائيندين ڪٿي؟

ڌو- واه مالڪڻ! جتي ٻني رهندو الي ٻنڌي....

وشيرام- (ڇرڪي) ڇا چيئه؟

ڌو- اوهان وٽ ٿي رهبو سائين! اسانکي رکو
هڪ کٽ ٿي ته وڌيڪ کپندي.

وشيرام- ۽ پوءِ ٻار ٻچا ٿيندئي. گهر ۾ رکو ڪٿون
ڪٿون هوندئون. (هٿ جوڙي) معاف
ڪر، ابا. مون وٽ جڳهه ڪانهي. نوڪري
ڪرڻي اٿئي ته ڪر، نه ته ٻيو ڪو گهر ڳولهه.

ڌو- ههڙي ٻڪي نوڪري ڇڏي هاڻي
ڪيڏانهن وينديس. هاڻي ته پگهار به هتي
وڌائڻي آهي. شادي به هتي ڪرڻي آهي
۽ ٻار به هتي ٿي ڄڻڻا آهن. (ٽوپي پائي
آهستي آهستي سامان ڪڍي اندر وڃيٿو)

وشيرام- (ڏاڙهيءَ کي) اهي اٿئي نوڪرن جا رنگ.

ڌو- اوهان ته هرو ڀرو انکي ٿا ٻڌو. اڄ ڪالهه
نوڪرن جا نخرا آهن.

أڏو- ڪجھ به هجي، پگهار نه وڌائڻي پوندو-
هاڻي پوري لڳي پوي.

خوشيرام- ڇڙي چاند جي پوري لڳي پوي نه پاڻ
ٻين وارن جو ڇا حال هوندو؟

أڏو- نه سدائين Single ٿي رهندس- Double
ڪونه ٿيندس؟

ڏني- تون شادي ڪندين؟

أڏو- ڇو مان ماڻهو ڪونه ٿو لڳان؟

خوشيرام- ڇو تو پنهنجي سڪي حياتيءَ ۾ زهر ملائين؟
موج مستيءَ ۾ پيو ڏينهن گذار....

أڏو- ۽ راتيون- رات نه پاسا ورائيندي ٿي
گذري.

خوشيرام- شاديءَ کان پوءِ نه ڏينهن ۽ رات ٻئي پيو
پاسا ورائيندين....

ڏني- توهان ڇو ٿا جهليوس؟ توهانجي ڪري
ڏيهه جهان ۾ شاديون ڪونه ٿينديون؟
ڪاٿي ڏسي اهي به لڌون.

أڏو- مالڪ چوندا آهن نه شادي آهي دهليءَ
جا لڏون. جي نه کائي نه پڇتائي - نه
چونه کائي پڇتائجي.

ڏني- ٺيڪ آهي- شادي ڪر نه پگهار به
وڌائي ڏينس.

اڃي گهڻا پئسا لڳندا آهن ؟

ني - ته پئسا ڇنڊ لاء ڏيندا آهن ؟

وشيرام - پر اڳي به ڪارون ڪري چڪو آهيان. ڏنو
اڻائين ڪو جواب ؟

ني - اهي گهڻا بين سان هئو. توهان ۽ ڪار....

وشيرام - سچ ٿو چوان، ڏني! مان ڇا پيء ڪوله
آهيان. ٻاهران وئو رڙيون ڪريان ته
انجو اهو مطلب ڪونهي ته موڪلي ڇڏنا
ئي ڪونهي. هيئر ته مان به سوچيان پيو
ته اجاهو ڪاش کي موڪل ڏئي.

ني - ۽ جڏهن مون ڇيو هو ته ٻئي پيء پٽ هڪ
ئي هئنا هئا. موڪلي ته گهر ئي ڇڏ ڪاڻ
پيو اچي.

وشيرام - (ٿڌو ساه کڻي) سچ آهي اسان لاء ته ڇڏ
وقت ڪاڻ ئي مشڪل ئي پيو آهي.

ني - توهان ته وري مرد آهيو. آفيس ۾ اکري
ٿا وڃو. من وڃي ٻيء پولڊو هولڊو.
مان ڇا ڪريان؟ منهنجا ڏينهن ڪيئن
ڪٽبا هوندا. توهان پئسي جي لالچ ۾
پٽ کي پرديس....

وشيرام - نه ڇئه ڏني! ائين نه ڇئه. هرو پرو اهڙو
ڪريل ڪوله آهيان. سوچيندو هوس ته

خوشيرام- پر ڪنهن ڊاڪٽر لکي ڏنو آهي.

ڏني- هاڻي بس به ڪريو. ماڻهو چوندا ته پٽ ولايت ويو اٿن. نوڪر به لڪا رکي سگهن.

خوشيرام- پٽ کي ولايت موڪلي ٿي ته ڦاٿو آهيان.

ڏني- اها ڳالهه اوهانجي موڪلي اصل ڪونه ٿي وڻي. ماڻهن جا پٽ ولايت وڃن ته لنڊن ورهائين ۽ هتي ڦاس لڳي پئي آهي.

خوشيرام- لکي اٿائين ڪا ٽن مهنن ۾ ڇٽي؟ هتان ويو ته ڪهڙا انجام ڪري ويو.

ڏني- ضرور ڪانئي لاچاري هوندن. هون ۽ اوهانجو سيٺ ته ضرور خط لکي ها.

خوشيرام- هتي ته ڇٽي ويو ته مهيني اندر VISA موڪليندس.

ڏني- ويڙا مٽي پنهنجي ڪيسي مان ڪڍي موڪليندو.

خوشيرام- چڱو بابا هاڻي منهنجي جند ڇڏ ته مان حساب ملايان.

ڏني- اوهان ته اصل ڪٺي واڻي وانگر وهيون واچڙ وٺي رهيا آهيو. (پيار مان ونجهو وهندي) پڌو- اوهان هڪ تار ڇو لکا ڪري ڇڏيوس.

خوشيرام- تار ته ٿي- ليٽو ۽ ماءُ جو نيايو ٿيو. خبر

ڊانس ميوزڪ وڄندو وڃي ٿو. ٻنهيون هنڌ.... ڊسڪو جي ڌن تي رنگا رنگ ٻتين جي روشنيءَ ۾ اسٽيج تي صوفا جي چوڌاري طرف پنج ڇهه جوان جوڙا ناچ ڪري رهيا آهن. ناچ ٻه ٽي منٽ چالو رهي ٿو. پوءِ آهستي آهستي ڌيمو ٿيندو ٿو وڃي. جوڙا ٻاهر هلندا ٿا وڃن ۽ فل ٻتيون آهستي آهستي اسٽيج تي ٿين ٿيون. خوشيرام ۽ ڌني اکيون ڇنڀندا جڻ سپني مان سجاڳ ٿين ٿا)

ڌني- هاڻي مونجو ٻه ڪٽي - فون ڪري ڪيون.

خوشيرام- ٽون ڇٽين ٿي ته پوءِ .... (اوچتو ٻاهران شمع جي آواز ۾ سڏ ٿا ٿين .... خوشيرام دريءَ کان ڏٺو آهي)

خوشيرام- (ڪلڪندي) موٽڪي ته هينئر ئي سپنا پيا اچن جڻ شمع پيئي سڏ ڪري.

ڌني- شايد سچ پچ شمع هجي! اڌا! .. او ....اڌا!

خوشيرام- ڇري (ڪلي ٿو. اندران اڌو آهستي آهستي اچي ٿو. ٻاهران گهنٽي وڃي ٿي) وڪـ ڪڻ اٻا.... (وري گهنٽي وڃي ٿي) جلد ڪر ٻائي. ليسيٽائين ته گهنٽي سڙي رکـ ٿي وڃدي.

پرڪاش سٺي نوڪريءَ لي لڳندو ته
سندس آئيندو ٺي سٺو گذرندو. اڄ ڪالهه
پئسي کان سواءِ ڇا ٿو ٿئي. هندوستان ۾
نوڪرين جا حال ته ڏسين پيئي.

ڌني- ڪهڙي ڪم جي ٿي اهڙي سٺي نوڪري؟
ٻڍاپي ۾ پٽ جو سهارو رهندو آهي.
سو به اوهان .... (ويجهو اچي) ٻڌو ٿوهان
لنڊن ۾ فون تي ڇو ٿتا ڳالهايو؟

خوشيرام- (چڙڪي) ڇا ڇيئه؟ فون! تون ٻس، اصل
پئسي جي پٺيان هٿ ڌوئي لڳي آهين.
ٿالو سو ڌني اٿئي پر ڌن جو قدر اصل
ڪونهيئي.

ڌني- ڌن .... ڌن! پاڻ سان پري ٻڌي ويندا؟

خوشيرام- پر! تون سمجهين ڇو نٿي؟ هو هتي
لنڊن ۾ پيو عيش ڪندو هوندو. ڪلبن
۾، هوٽلن ۾، دانس هالن ۾، Cabaret ۾.
(تصور ڪندي) مان صاف ڏسي رهيو
آهيان .... هوءَ شمع لنڊن جي مشهور
Albert Hall ۾ انگريزي آرڪيسٽرا جي
مٿر ڌن تي دانس ڪري رهيا آهن....
ٻئي جڻا نشي ۾ مخمور.... ٻين گهڻن ٺسي
حسين ۽ خوبصورت جوڙن سان گڏ (پٺيان

ٽنگ ٻنگ ۾ سور اٿئي ڇا؟

ڏني - وري Strike جو ڀوت سوار ٿيو اٿس.
(اُٿو شوڪي لهاري ٿو)

پرڪاش - (کلندي) ڇٽڀو نه لڙائي اڃا چالو آهي.
سچ مچ هندوستان جون هي ڳالهيون
گهڻيون ياد ايندڙيون هيون. ڇڪ اچي ته
Strike، ڪام ٺپ ٿي ته Strike!

ڏني - ڇڱو توهان پنهنجي ساڻ ڳالهيون ڪر. پر شمع
توهان سان اڄ نه اندر هلي ڳالهيون
ته ڪريون. سگهي ٿوڻ ٿي ويا آهيو.
ماڻهن وٽ انگلنڊ ۾ کائڻ لاءِ ڪجهه هئو
يا نه؟

شمع - هاڻي تنهنجي پيار جي خوراڪ ملندي ته
وري صحت ٺهي پوندي (پاڪر پائيندئون
اندر وڃن ٿيون)

خوشيرام - (وهندي) پر موکي اڃا ڳالهه پوري سمجهه
۾ آئي ڪونه ....

پرڪاش - بس ڏ نڊي ڇا ٻڌايانو. ڏاڍي مشڪل ۾
ڦاسي ويا هئاسين. لنڊن جي Heathrow
ايئرپورٽ تي منهنجي پاسپورٽ ۽ ويزا
۾ ڪجهه خرابي هئڻ جو بهانو ڪري روڪي
ورتائون.

(آڏو ٻاهر وڃي در کولي اندر اچي ٿو)

آڏو- سائين! هڪڙو ڇوڪرو ٻاهر بيٺو آهي- (ليسيٽائين شمع ڏليءَ سان ملي ٿي. ڏلي گهٻرائجي وڃي ٿي)

ڏني- ڇو پٽ. سک ته آهي نه؟

خوشيرام- اڙي شمع، پٽ تون هتي اڪيلي؟

ڏلي- پرڪاش ڪٿي آهي؟

شمع- اوه! ممّا! مونکي به نه ڄاڻايائون ڏيو. پرڪاش هيٺ ٽئڪسيءَ مان سامان پيو لاهي....

ڏلي- پرڪاش آيو آهي. (آڏو ۽ ڏلي ٻاهر وڃن ٿا جو پرڪاش اندر اچي ٻنهي کي پيري پئي گڏجي ٿو. آڏو پٺيان سامان کڻي اچي ٿو.)

ڏلي- ڪو خط پٽ به ڪونه لکيئه پٽ. ائين ماءُ پيءُ کي صفا وساري ويٺو آهي؟

پرڪاش- ڇا ٻڌايان ممي. سچي ڳالهه ٻڌائيندينءِ ته خط پٽ جي ڳالهه ئي وسري ويندءِ.

ڏلي- چڱو- چڱو- پوءِ پيا لڌهڻجا قصا ٻڌبا. پهرين هٿ منهن ڌوئي چانهه پاڻي تـــه پيئو. (ڳراٽڙي پائي) منهن ئي سڪي ويو اٿو. (آڏو آهستي سامان کڻي اندر هلي ٿو)

پرڪاش- هن همراهه کي وري ڇا ٿيو آهي؟ آڏارام!

شمع- ڪنهن لمولي ڏنڊي پٽو لڳائي هنن کي گهر وٺي آيا.

خوشيرام- پر پوءِ ڪا نوڪري به مليئه يا نه؟

پرڪاش- نوڪريون نه جام. پر ڪا ڍنگ جي ملي سا نه. مطلب ته جيئن مان انجنيئر آهيان ته مونکي انجنيئري ڏانهن سو ڀلا. الي انهن ٿا سمجهن ته هندوستان مان گهڻو ڪري سڀ يا هوٽل جو بيرو يا بس جو ڪنڊڪٽر بڻجڻ ٿا اچن.

ڊلي- ماڻهن جي ڪل اچي ٿڙي آهي. انجنيئر کي بڻائيندا بس جو ڪنڊڪٽر يا هوٽل جو بيرو.

پرڪاش- وڏي ڳالهه. الي جڻ اسانکي گهٽ ذات جو پيا سمجهن.

اُڌو- ألي ته ڇو ٿا - ڇوت؟ Scheduled Caste

پرڪاش- مطلب ته ساڳي لياقت ۽ ساڳئي عهدي لاءِ انگريزن کي اسانکان پگهار وڌيڪ. سهوليتون وڌيڪ. انگريز اسانکي ڪير جڳهه ڪونه ڏني. هندوستانين جا پاڙا الڳ....

ڊلي- پر تون ته شمع جنجي گهر رهندو هئين نه؟

شمع- هيءَ ته اها رٽ لڳائي ويٺو هو ته ساهري گهر ۾ نه رهڻو آهي.

(آڏو چانهه کڻي اچي ٿو. پٺيان شمع ۽ ڏني به اچن ٿيون)

خوشيرام- پر شمع! مسٽر راٺي ڪولهه آيا هئا ڇا؟

شمع- هنن جي Scheduled Flight ڪئنسل ٿي هئي. هو اڄ ٻه ڏينهن آيا.

ڏني- پر ٽيليفون ڪرين ها.

پرڪاش- ان ڏينهن وري سڄي انگلنڊ ۾ پوسٽ وارن جي Strike هئي.

ڏني- اٿي شل ڪو ڪارو مهن ٿئين.

خوشيرام- پوءِ....؟

پرڪاش- پوءِ ڇا. هلي وهارياٺون Concentration Camp ۾....

آڏو- جيئن سائين هتي Kalyan ۾ ڪنگسوي ڪئمپ آهن؟ (ولهي چانهه پٽائي ٿو)

پرڪاش- هتي جي جيل کان به خراب سمجهه.

ڏني- هتڙي گل ڪـــي ڪٺي مارين جيل ۾ وڌو. ٻڌ هن ته مئن کي هندوستان مان پچائي ڪڍيائون.

خوشيرام- شڪر جو وقت پٽي پڃي ويا ته ڪ. ڪوڪي ڏسي انين پڇن ها جو لنگوٽ بـــه همت ڪوله اچين ها (پرڪاش کي) پوءِ ڇا ٿيو؟

(ڏني شوڪي نهاري ٿي)

راڻي - ته مان الي اڪيلو وڃي جهالنجهه، وڃائيندس؟

ڌني - پر ڀلا آخر ٿيو ڇا؟ اوهان ته ديش ڇڏي ... پئسو ڪمائڻ لاءِ ....

راڻي - بابي، پئسو ٿيندو آهي ماڻهن لاءِ، پر جي پئسو ئي ماڻهوءَ کي کائڻ شروع ڪري ته ...

خوشيرام - پر توهان جو ته پنهنجو سٺو ڪم پئي هليو.

راڻي - سائين سڀني ڪم کي ڌوڙ وجهي؟ 25 سال اڳ پنهنجو آکيرو ڇڏي ٻيو آکيرو اڏڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن اندر ڀرجي سک سان ساهه کڻي سگهي. اولاد ٿي هڪڙي ڌيءَ. اهائي جڏهن هيڏانهن هاڻي آئي - ته اڪيلو وڃي مان پئسي کي چٽيان.

خوشيرام - سٺو ڪيو سائين. مان به هاڻي ائين پيو سوچيان ته پئسو ئي دنيا ۾ سڀ ڪجهه نه آهي.

ڌني - شڪر آهي. مسهين مسهين عقل آيو اٿو.

راڻي - (پرڪاش کي) تون فڪر نه ڪر. اسان ٻئي گڏجي هتي انجنيئري فرم کوليندا سين. منهنجو پئسو ۽ تنهنجي لياقت.

خوشيرام - معاف ڪجو سائين. اوهانجو پئسو منهنجي جيتري ڇو؟ منهنجو پئسو ڪڏهن ڪم

پرڪاش- ڪيترا ڏينهن رهي سگهبو؟
خوشيرام- پر جيڪڏهن پئسا سٺا ٿي ملن ته.
پرڪاش- پئسو ئي سڀ ڪجهه نه آهي ڊئڊي. ڪوبه عزتدار هندوستاني اهڙين حالتن ۾ اُتي رهڻ پسند ڪونه ڪندو.
شمع- پر ٿورو گهڻو فرق ته هر ڪنهن ديش ۾ ٿيندو.
پرڪاش- اسان وٽ ته ائين نه آهي. اسان ته سڀني ملڪن جي ماڻهن کي سندن لياقت، تعليم ۽ آزمودي موجب پئسا ۽ سهوليتون ڏيون ٿا. پاڻ مهمان کي وڏيڪ آدر-سٽڪار....
أڏو- پوءِ ته اسانجو سائين ولايت هلڻ جو پروگرام Cancel ....
ڏلي- ته ماريا تون وڃ. پنهنجي اُن جوءِ کي به وٺي وڃجان، جنهن جي ڪٽ اسانجي گهر ٿي وڃائه. (گهنٽي وڃي ٿي) (أڏو ٻاهر وڃي راڻيءَ کي وٺي اچي ٿو)
راڻي- هيلو، Everybody!
شمع- Oh, Daddy! (ملبس ٿي ٻين سان هٿ ملائي ٿو)
خوشيرام- اوهان هتي؟

روپيا وڌيڪ ڪين. هان وٺو. Strike ختم.
اوهان سڀئي ڪپڙا لاهيو.

...ني – مٿا مت اچي ڪٿي اٿئي. ڳالهائين ڇا ٿيو.

...ڏو – مالڪڻ؛ سنان لاءِ پاڻي گرم ٿي ويو هوندو. توهان ڪپڙا لاهيو ته مان توهان کي ڪائڻ لاءِ تيار ڪريان.

...ڏني – لک لعنت هجيئي – سڌي سنڌي لـ ڳالهائج.

(Curtain Drops)

□□

ايندو ؟

ڏني - هاڻ مونسان وڙهڻ ڇڏيو ۽ تنهن سان وڙهو.

راڻي - وڙهڻ ڏيو، پاپي! ننڍي هوندي جا يار آهيون. (خوشيرام کي) ٺيڪ آهي! مون پنهنجو سمورو پئسو پنهنجي ڏيءُ کي ڏنو. اوهان پنهنجي پٽ کي ڏيو.

خوشيرام - ته شمع منهنجي ڏيءُ نه ٿي ڇا؟

راڻي - ته ان حساب سان پرڪاش منهنجو پٽ نه ٿيو ڇا؟

ڏني - هاڻي ٻئي ڄڻا بس به ڪريو. (اُڌي کي) ماريا وڃي ڪيچ ڪائڻ پيئڻ لاءِ تيار ڪر. هٿ پير ٻڌجي ته پيهه. (اُڌو آهستي وڃي ٿو)

راڻي - هن مهراج کي وري ڇا ٿيو؟

پرڪاش - Strike ٿي آهي پگهار وڌائڻ لاءِ.

راڻي - ڏيوس (خوشيرام کي) اڄ ته خوشيءَ جو ڏينهن آهي (اُڌي کي) اڄ کان تنهنجي پگهار ٻه ٻل.

اُڌو - (ٽوپي لاهي) نه سائين! ائين حرام جي پگهار نه وڌارائيندس. مونکي ته رڳا ڏهه



رام گياڻچنداڻي

□□

تعارف

□□

١٨ فيبروري ١٩٣٣ تي ٺارو شاهه (سنڌ) ۾ ڄاول شري رام گياڻچنداڻيءَ کي ننڍپڻ کان ئي ڳائڻ ۽ ناٽڪن ۾ رول ادا ڪرڻ جو شوق آهي. هن اٽڪل ٢٥ کن ايڪانڪي ۽ ٽي - فصلا ناٽڪ لکيا آهن، جن مان ڪيترن کي انعام ملي چڪا آهن. اڃا تائين ٽيليويزن تي آيل سڀئي سنڌي ناٽڪ هن دوست جا ئي لکيل آهن.

هن وقت هو صاحب ڪاسٽ اڪائونٽس آفيسر جي پد تي ڪم ڪري رهيو آهي.

سرنامو: III G/50، لجپت نگر، نئين دهلي - 110024